ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 05 اپريل 2026ع 16 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (230)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران معاهدو ڪري يا آبنائي هرمز کولي، ٻي صورت ۾ ان تي بم وسائي جهنم بڻائي ڇڏينداسين: صدر ٽرمپ جي ڌمڪي

ايران ۾ آمريڪي جهازن کي نشانو بڻائڻ لاءِ جديد دفاعي نظام نصب، حملن سبب تابڪاري سان نار ملڪ به نه بچندا: عباس عراقچي

اهو وقت ياد رکو جڏهن مون ايران کي ڏهه ڏينهن ڏنا هئا ته يا ته معاهدو ڪن يا ايراني نلر کولين. هاڻي وقت ختم ٿي رهيو آهي، اسين ايران تي بم وسائينداسين: آمريڪي صدر جي ڌمڪي

اسان هڪ نئون دفاعي نظام لڳائي ڇڏيو آهي، جنهن جو مقصد آمريڪي جهازن کي نشانو بڻائڻ آهي، اهي جيڪي اڳ ۾ فرار ٿي ويا هئا، هاڻ هتان نه بچي سگهندا: آمريڪي فوجي ڪمانڊر

نئين هوائي دفاعي نظام جمعي تي آمريڪي جهازن، هيلي ڪاپٽرن ۽ ڊرونز کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو. هڪ آمريڪي پائلٽ اڃا تائين گم آهي. پنهنجي هوائي حدن تي مڪمل ڪنٽرول رهندو

ائٽمي تنصيبات تي آمريڪي حملن سان تابڪاري مواد خارج ٿيو ته اهو تهران تائين محدود نه رهندو ۽ خليجي تعاون ڪائونسل جي گاديءَ وارن شهرن ۾ به زندگي جو خاتمو آڻي سگهي ٿو: پرڏيهي وزير عراقچي

اسرائيل ۽ آمريڪا اسان جي بوشهر جي جوهري پلانٽ تي هن وقت تائين چار ڀيرا بمباري ڪري چڪا آهن. اسان جي پيٽروڪيميڪل پلانٽ تي حملا به اصل مقصدن کي ظاهر ڪن ٿا: ايران جو پرڏيهي وزير

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران وٽ 48

ڪلاڪ آهن ته ڪنهن معاهدي تي پهچي يا آبناءِ هرمز کولي ٻي صورت ۾ ان تي

قيامت ٽٽي پوندي ٽرمپ پنهنجي سوشل بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

شهيد ڀٽو جمهوريت ۽ عوامي حقن جو علمبردار هو: وزيراعظم آزاد ڪشمير

قوم اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي مان رهنمائي حاصل ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺور ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي تي خراج عقيدت بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان مملڪتي وزير رومينا خورشيد عالم ملاقات ڪري رهي آهي

صدر مملڪت پاران پاڪ بحريه ۾ پي اين ايس خيبر جي شموليت تي خوشي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري، پاڪ بحريه ۾ پي اين بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پاران ايران جي پرڏيهي وزير جي وضاحت تي ان سان شڪريو ادا

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير عباس بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايران جي خلاف غيرقانوني جنگ شروع ڪئي وئي آهي، جيڪا پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي: بلاول ڀٽو

هي جنگ اسرائيل، آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ آهي پر جتي جنگ ٿيندي آهي ته اتي عام ماڻهو جو ئي نقصان ٿئي ٿو. ماڻهو شهيد ٿيندا آهن ان جنگ جا اثر ان علائقن تائين محدود ناهن ٿيندا

جنگ جا اثر هر پاڪستاني کي محسوس ٿي رهيا آهن، اڄ پيٽرول، بجلي جي قيمت تي، مهانگائي ۽ معاشي بحران جي صورت ۾. نه صرف هر پاڪستاني هي بار کڻي رهيو آهي پر پوري دنيا جا غريب بار کڻي رهيا آهن

اهڙين ڪجهه سياسي ۽ غيرسياسي قوتون آهن جيڪي نفرت جي سياست تي يقين رکن ٿيون پر پيپلز پارٽي جي سياست ملڪ کي هميشه گڏ ڪرڻ سياست ڪئي آهي اسان اهڙي نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين

اسان قائدعوام، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا شڪر گذار آهيون ته هن پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو پروگرام، پاڪستان جو بچاءُ ڪري رهيو آهي

اسان عيد جي موقعي تي لاڙڪاڻو نئون ديرو هئاسين ته اسلام آباد وارا آيا، اسان جا وفاقي وزير آيل هئا جن بريفنگ ڏني ته گهٽ ۾ گهٽ انهن منهنجي عيد خراب ڪري ڇڏي

مارچ جي آخر تائين وفاقي حڪومت هڪ بلينڪيٽ سبسڊي ڏني جيئن پاڪستان جي عوام ۾ مشڪلاتن ۾ گهٽتائي اچي پر اپريل جي شروع کان وٺي اها گنجائش نه هئي ته اها سبسڊي جاري رکجي

لاڙڪاڻو رپورٽ: منير احمد سومرو) چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداريءَ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي مڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ اسان قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت واري ورسي ملهائي رهيا بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو: وزيراعظم

هن جمهوريت ۾ عوامي طرز حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ قدر جوڳيون ڪوششون ڪيون

ذوالفقار علي ڀٽو ۾ عوامي طرز حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون. سندس خدمتون ياد رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته منظوري ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو ۽ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سامونڊي سلامتي لاءِ مضبوط بحريه اهم آهي: نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف

واپار ۽ توانائي جي اهم سامونڊي لنگهن سان گڏ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي پوزيشن طاقتور بحريه جي گهر ڪري ٿي

چاڪاڻ ته قومي مفادن جي حفاظت ڪري سگهجي ۽ سامونڊي لائنز آف ڪميونيڪيشن (ايس ايل او سيز) کي محفوظ رکي سگهجي

پاڪستان جي سامونڊي مفادن کي چئلينج ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو مناسب جواب ڏنو ويندو، دشمن جي سرگرمين کان آگاهه آهيون

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف، اين آءِ اين آءِ (ايم)، ٽي بي ٽي هڪ مضبوط، متوازن ۽ ٽيڪنالاجي سان تيار جديد بحريه جي اهميت تي زور ڀريندي چيو آهي ته واپار ۽ توانائي جي اهم سامونڊي لنگهن سان گڏ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ناهي ڪيو: ايراني پرڏيهي وزير

اسان ٺاهوڪڙي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش لاءِ دل سان ٿورائتا آهيون

پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ جون ڪوششون جاري

تهران (مر د) ايراني پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي ته "آمريڪي ميڊيا ايران جي موقف کي غلط انداز ۾ پيش ڪري رهي آهي." بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ مداخلت ڪندڙ 8 مارجي ويل الخوارج دهشتگردن جي سڃاڻپ، 2 افغان شهري نڪتا

دته خيل واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب آپريشن ۾ 8 الخوارج دهشتگردن کي جهنم پهچايو هو

افغان طالبان رجيم جي دهشتگردي واري سوچ ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آئي آهي اهي رڪاوٽ ڪري رهيا آهن: دفاعي ماهر

اسلام آباد (اي پي پي) اتر وزيرستان ۾ مداخلت ڪندڙ 8 مارجي ويل الخوارج دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي آهي جن مان 2 افغان شهري نڪتا آهن سيڪيورٽي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ انٽرسٽي ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا برقرار رکڻ جو فيصلو

حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ تبديلي کان پوءِ اهڙو فيصلو ڪيو ويو

انتظاميا پاران شهر ۾ هلندڙ هاءِ ايس ويئرز جي ڀاڙن ۾ اضافو نه ڪيو ويو آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ تبديلي کان پوءِ اسلام آباد ٽرانسپورٽ اٿارٽي پاران بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آصفه ڀٽو زرداري شهيد ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد ڀٽو جي ورسي تقريب، جونيئر ذوالفقار شريڪ

اڳواڻن شهيدن جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه ڪئي

ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن امر اڏو جهڪڻ بجاءِ ڦاهي قبول ڪئي: جونيئر ذوالفقار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو طرفان قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

محروم طبقن جي حقن لاءِ شهيد ڀٽو جي جدوجهد وسارڻ جوڳي ناهي: سينيٽ چيئرمين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع جو متفقا آئين ڏئي جمهوريت ۽ عوامي حقن کي نئون رخ ڏنو

ايٽمي پروگرام جو بنياد رکڻ ڀٽو شهيد جو تاريخي ۽ اهم ڪارنامو آهي: سيد يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپورٽرن کي ان شرط تي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي ته هو ڀاڙن ۾ اضافو نه ڪندا: وڏو وزير

ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام جو مقصد عالمي سطح تي بارڻ جي قيمتن ۽ تيزيءَ سان ٿيندڙ اضافي کان شهرين کي بچائڻ آهي

سبسڊي هڪ ڊجيٽل ايپليڪيشن تي ٻڌل سسٽم ذريعي فراهم ڪئي ويندي جيڪا ايڪسائيز ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جي ڊيٽابيس سان ڳنڍيل هوندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي بارڻ (فيول) تي ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام جي حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي جنهن جو مقصد عالمي سطح تي بارڻ جي قيمتن ۾ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار ڀٽو جي مزار تي گل رکي رهيو آهي

اسلام آباد: برسات دوران گاڏيون پينهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

قوم ايران آمريڪا جنگ جو خاتمو چاهي ٿي، مسلمان امت هڪ نبي حضرت محمد ﷺ کي مڃڻ واري آهي

ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر ڪو ڊرامو ڪيو ته انهن کي ڪلڪتي تائين پهچائي ايندا سين: وزير دفاع خواجه آصف

هڪ سال اڳ ڀارت فالس فليگ دهشتگردي جي ڪارروائي ڪري ان جو ملبو پاڪستان تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڪستان تي جنگ مڙهي

پاڪستان ڀارت اندر گهڙي جواب ڏنو ۽ ذلت ۽ رسوائي ڀارت جو مقدر بڻي، پاڪستان پاڻ کان هر لحاظ کان وڏي دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو

چاهيون ٿا ته خطي ۾ امن قائم ٿئي ۽ مسلمان ملڪن وچ ۾ اختلاف ختم ٿين. ڳالهيون ڪيستائين پهتيون آهن ان تي في الحال تبصرو ڪرڻ مناسب ناهي

سيالڪوٽ (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته قوم دعا ڪري ته ايران ۽ آمريڪا جنگ بندي ۽ امن لاءِ پاڪستان پنهنجو ڪردار ادا ڪندي سرخرو ٿئي ۽ هن خطي ۾ امن قائم ٿئي ۽ مسلمان ملڪن وچ ۾ اختلاف ختم ٿين هن چيو ته ڳالهيون ڪيستائين پهتيون آهن ان تي في الحال تبصرو ڪرڻ مناسب بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ 5.8 شدت جو زلزلو، 8 ڄڻا فوت

زلزلي سبب ڪابل صوبي ۾ هڪ گهر ڊهي پيو: اختياريون

زلزلي جي شديد لوڏن سبب شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ 5.8 شدت جي زلزلي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي خبررساں اداري بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

حقيقت کي تسليم ڪرڻ ذميوار قيادت جي سڃاڻپ آهي : طارق فضل چوڌري

ٽن هفتن تائين 129 ارب روپيا خرچ ڪري عوام کي مهانگائي جي اثرن کان بچايو ويو

وزيراعظم شهباز شريف فوري طور تي ليوي ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته حقيقت کي تسليم ڪرڻ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران غير سرڪاري تنظيمن ۽ فلاحي ادارن جي مالي ۽ ادارتي سهڪار ۾ اضافو ڪرڻ جو اعلان

پٺتي پيل طبقن جون مشڪلاتون گهٽ ڪرڻ ۽ کين صحت، تعليم، هنر ۽ روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم کڻنداسين: ناصر شاهه

فلاحي ادارا معاشري جي غربت ۽ محرومي جو شڪار طبقن تائين پهچن ٿا ۽ اهڙن ادارن جي سرپرستي حڪومت ۽ خانگي شعبي ٻنهي جي ذميواري آهي

سنڌ حڪومت اڳ ئي سُوٽ ۽ انڊس هاسپيٽل اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جهڙن ادارن سان ڪامياب پائيداري قائم ڪري چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ کاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته حڪومت سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت مستند غير سرڪاري بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي وچ ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ نرسنگ اسڪول قائم ڪرڻ بابت ڊاهر تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪيو ويندو

سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

اهو معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي: نويد قمر

ڪراچي (رپورٽ:صالح بلوچ) سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي ۽ ضلعي انتظاميا ٽنڊو محمد خان وچ ۾ هڪ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون جنهن تحت ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي واپاري تنظيمن پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف "معيشيت بچاءُ تحريڪ" هلائڻ جو اعلان

ومر 6 اپريل 2026 تي ڏينهن هڪ وڳي فريسڪو چورنگي بزنس روڊ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي

واپاري اتحاد گاڏين، گڏهه گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين وسيلي حصو وٺندا، اينمل بي آر جي ممبرن جي سامهون علامتي طور تي جانورن کي پاڻي پيارايو ويندو

حڪومت جي غلط پاليسين جو بار عوام ۽ واپاري برادري کي کڻڻو پيو ٿو. ڪاروباري سرگرميون شديد متاثر ٿي چڪيون آهن: اڳواڻ

واپاري اتحاد گاڏين، گڏهه گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين وسيلي حصو وٺندا، اينمل بي آر جي ممبرن جي سامهون علامتي طور تي جانورن کي پاڻي پيارايو ويندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) آل سٽي تاجر اتحاد ايسوسيئيشن ڪراچي موبائل اينڊ اليڪٽرانڪس ڊيلرز ايسوسيئيشن ڪلفٽن ڊيفنس تاجر اتحاد ۽ ٻين تاجر تنظيمن پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جنگ لاءِ تيار آهي، اسان جو هٿيار قلم هوندو: خالد مقبول

ڪراچي پنهنجي وچايل حيثيت کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي سٺي ڳالهه آهي. قوم کي ڪفايت شعاري ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڪراچي سان دشمني جو مطلب پاڪستان سان دشمني آهي صرف اهي جن ملڪ ڏاهيو ان کي هلائي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناالله پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاهور: وفاقي وزير عطاالله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اي اين ايف جو ڪارروايون، منشيات هٿ، عورت سميت 4 جوابدار گرفتار

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون

گرفتار جوابدارن خلاف منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس(اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

رينجرز جي ڪارروائي ۾ شاٺو گينگ سان لاڳاپيل 4 جوابدار گرفتار

جوابدار گلزار احمد، ساجد علي، مرتضيٰ ۽ احمد علي خان کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي شاهه لطيف ٽائون سان اسنيپ چيڪنگ دوران ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث شاٺو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنهنجي ڪارڪردگي کليل ڪتاب وانگر سڀني جي سامهون رهي آهي: ڪامران ٽيسوري

جذبو هجي ته عوامي خدمت لاءِ ڪنهن به سرڪاري منصب جي ضرورت ناهي هوندي

سڀني اسٽيڪ هولڊرز ۽ ڪارڪنن کي اهو احساس ٿي چڪو آهي ته ڳالهه اڳتي وڌڻو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري بهادرآباد ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هو پنهنجي ساڍن ٽن سالن جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

صوبائي محتسب جو ڪردار عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ تمام اهم آهي: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

موجوده معاشي ۽ زرعي پاليسيون عوام ۽ معيشت لاءِ نقصانڪار آهن: سردار رحيم

ناڻي واڌ 20 سيڪڙو تائين پهچڻ سبب عوام جي خريداري جي سگهه گهٽجي رهي آهي

ناقص پاليسين ۽ غلط فيصلن زرعي شعبي کي تقريبن تباهه ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته پاڪستان جون موجوده معاشي ۽ زرعي پاليسيون عوام ۽ معيشت ٻنهي لاءِ نقصانڪار ثابت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عرب بادشاهن جي غداري جي ڪري ڪيترائي مسلمان ملڪ آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت جو شڪار آهن: ڪانفرنس

آمريڪا ۽ اسرائيل اسلامي دنيا جا دشمن آهن خطي جا مسلمان ملڪ هميشه آمريڪا جو ساٿ ڏيندي پنهنجن پاڻن جي رت سان رنگيل رهيا آهن

وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جي حڪومت خطي ۾ صهيوني جارحيت خلاف واضح ۽ جرئتمندانه موقف اختيار ڪري

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ملي يڪجهتي ڪائونسل پاران ڪراچي پريس ڪلب ۾ مجلس وحدت مسلمين (ايم ايم ڊبليو ايم) جي ميزباني هيٺ هڪ آل پارٽيز ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اپريل تي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ بارش جو امڪان

متحده هجي يا ايم ڪيو ايم پاڪستان يا لنڊن سڀ نفرت، لسانيت ۽ ورهاڱي جي سياست ۾ مصروف آهن: عوامي تحريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته مهاجر قومي موومينٽ هجي، بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪچري جي ڍير تان عورتون استعمال جوڳيون شيون گڏ ڪري رهيون آهن

ڪراچي ۾ شادي دوران فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، عورت زخمي

فائرنگ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو معظم علي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

پوليس ڪارروائي ڪندي ملزم ثاقب کي هٿيارن سميت گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ۾ شادي جي تقريب دوران فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو ۽ هڪ عورت بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

حڪومت پيٽرول بم هڻي عوام کي مهانگائي جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي: محمد زبير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: هڪ پورهيت رنگين ڪپڙا سڪائي رهيو آهي

افغانستان ۾ برساتن سبب حادثن جي نتيجي ۾ 61 ڄڻا فوت، 116 زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ تازين برساتن سبب پيش آيل حادثن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 61 ڄڻا فوت، 116 زخمي ۽ 4 گم ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا افغان حڪومت بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت ۾ اجلاس

ڏوهن جي روڪٿام ۽ اسٽريٽ ڪرائم ڪنٽرول بابت هدايتون جاري

فينسي ۽ غير رجسٽرڊ گاڏين خلاف جاري مهم جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت ۾ ڪراچي پوليس آفيس ۾ ڪرائم ميٽنگ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شهر ۾ امن امان ۽ جرائم جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. ان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪنهن به شخص جو ڏوهي رڪارڊ پوليس کي ماوراءِ عدالت قتل جي اجازت نٿو ڏئي: عدالت

مقابلي ۾ مارجي ويل شخص عادي جوابدار هو ۽ ڪيس جو چالان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي: سرڪاري وڪيل

ظاهر ٿيندڙ واقعن جو تسلسل ان ڳالهه جي تائيد ڪري ٿو ته پوليس مقابلو مشڪوڪ آهي: عدالت جا رمارڪس

پوليس جو ڪم پاڻ سزا ڏيڻ ناهي پر جوابدارن کي عدالت اڳيان پيش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن پوليس کي اهڙي اجازت ڏني وئي ته عدالتي نظام جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي دوران اهم ريمارڪس ڏيندي چيو آهي ته ڪنهن به شخص جو مجرمانه رڪارڊ پوليس کي ماوراءِ عدالت قتل جي اجازت نٿو ڏئي، مبينا پوليس بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

شايد وزيراعظم هڪ ڪن کان ٻڌي ٿو هن جا ٻئي ڪن ڪم نه ٿا ڪن: زين شاهه

جيئڏي اسان ايڪسپورٽ ڪيون ٿا ان کان ٽيڻي امپورٽ ڪريون ٿا ان سان ملڪ ۾ ڊالر جي کوٽ ٿيندي

متحده عرب امارات 2 بلين ڊالر واپس ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، هاڻي جيڪڏهن خزانو ئي خالي ڪندا ۽ وري آمدني نه ٿيندي

پاڪستان جي طاقتور ترين جي چوڻ تي پرڏيهي، واپاري ۽ ٻيون پاليسيون هلنديون آهن ڇاڪاڻ غلامن جا پنهنجا فيصلا ناهن هوندا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو مرڪزي صدر سيد زين شاهه سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي اڳواڻ عرفان جتوئي جي دعوت تي سندس رهائشگاهه پهتو جتي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وزيراعظم پيٽروليم ليوي مان 80 روپيه بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ ڪار حادثو، 9 ڄڻا اجل جو شڪار

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اولهندي رياست مهاراشٽر ۾ ڪار روڊ تان ترڪي پاڻي سان ڀريل کوهه ۾ ڪري پئي جنهن جي سبب هڪ ئي ڪٽنب جا 9 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو حادثو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

قومي عوامي تحريڪ پاران نوري آباد ۾ احتجاجي مظاهرو

عوام اڳ ئي سخت پريشان آهي ۽ هاڻ هڪ وڏي جي ماني به ڪائڻ مشڪل ٿي پوندي

فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽايون وڃن: اڳواڻ

نوري آباد (ن ع)نوري آباد ۾ حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي هنراڙو وڌايل اگهن خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرو نوري آباد هڪ نمبر کان ٽي نمبر تائين ڪيو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ برسات دوران سواريون گذري رهيون آهن

ليمارڪيٽ ۾ نالي ۾ ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ليمارڪيٽ جي علائقي سبزي مارڪيٽ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ مدبر ۽ دورانديش قومي اڳواڻ هو: رياض شاهه شيرازي

شهيد ڀٽو عوامي حڪمراني جي تصور کي مضبوط ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي اڳوڻي وزيراعظم ۽ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 6 اپريل کان برساتي سسٽم داخل ٿيڻ جو امڪان

گجگوڙ، ڪنوڻ ۽ تيز هوائن سان 6 ۽ 7 اپريل تي برسات جو امڪان آهي:ماهر

ڪجهه علائقن ۾ ڳڙن سان برسات، حيدرآباد سميت ڏکڻ سنڌ ۾ به امڪان ظاهر

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبي سنڌ ۾ 6 اپريل سومر کان سنڌ ۾ اولهه جوڻيون برسات وارو سسٽم داخل ٿيڻ جو امڪان اولهه جوڻيون برسات وارو سسٽم سنڌ ۾ 6اپريل کان داخل ٿيڻ جوامڪان بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال ۽ مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شهيد ڀٽو هڪ انقلابي سوچ ۽ تاريخي جدوجهد جي علامت آهي: ارسلان شيخ

شهيد ڀٽو پيڙهيل طبقن، مزدورن، هارين ۽ محروم عوام جي زبان ڏني

هن اها حقيقت دنيا تي ظاهر ڪئي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سکر جي ميئر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ، ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته قوم اڄ هڪ اهڙي عظيم بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو ڳوٺ پرسان سولنگي-بروهي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، ڌرڻو، باهيون، روڊ بلاڪ

بروهي برادري عورتن، ٻارن ۽ مردن سان گڏ ٽائر ساڙي احتجاج ڪندي ٽنڊو ڳوٺ ڏوڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو

سولنگي ڌر جي هٿيارٻندن حملو ڪري گهرن تي قبضو ڪيو، قيمتي سامان ڪڻي ويا آهن: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڳوٺ تان قبضو ختم ڪرائي ملڪيت واپس ڪرائي وڃي

ٽنڊو ڳوٺ/راڌڻ(نمائندن وٽان) ٽنڊو ڳوٺ پرسان سولنگي بروهي خوني تڪرار تيز ٿي ويو جنهن سبب بروهي برادري جي عورتن ٻارن ۽ مردن پاڪ ڪتاب کڻي ڪائرساڙي ٽنڊو ڳوٺ ڏوڪري روڊ مڪمل بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ جام ٿي وئي. مسافر سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا آهن جڏهن ته متاثر ڳوٺاڻا محمدحسن بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2



ميرپورخاص: تعليمي بورڊ ۾ بدعنوانين جي الزام هيٺ آيل آفيسر

ميرپورخاص تعليمي بورڊ جو جعلي سرٽيفڪيٽن، مارڪن عيوض اڏائي ارب ڪرپشن جو انڪشاف

اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص گرفتار ٿيل بورڊ ملازمن، الحاق ٿيل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي مالڪن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا

اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم خانزاده جعلي سرٽيفڪيٽ ۽ مارڪن ۾ واڌ ڪرڻ عيوض شاگردن کان لڳ ڀڳ اڏائي ارب رپيا وصول ڪيا:اينٽي ڪرپشن

اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص جاچ مڪمل ڪري رپورٽ ڊائريڪٽر جنرل اينٽي ڪرپشن ڏانهن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ اماڻي ڇڏي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص تعليمي بورڊ ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ سنسني خيز انڪشاف، جعلي سرٽيفڪيٽن ۽ مارڪن ۾ واڌ جي عيوض اڏائي ارب رپيا وصول ڪرڻ جو انڪشاف، ميرپورخاص بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

روزاني عبرت

بقايا | 1 | بلاول ڀٽو

آهيون جيئن ته اوهان اڄ ڏينهن تائين هر سال ان ڏينهن تي ورسي ملهائي پوري پاڪستان لاءِ هڪ وڏو جلسو رکندا آهيون پر هن سال اسان جي خطي ۾ جنگ جي صورتحال آهي اسان جي پاڙيسري ملڪ ۾ آيت الله خامنه جي شهادت ٿي ان شهادت سميت جن ٻارن ۽ عورتن جي اسڪول تي حملو ٿيو ان جي احترام ۾ اڳيان جيان هن سال ورسي نه ملهائي سگهياسين هن چيو ته ايران جي خلاف غيرقانوني جنگ شروع ڪئي وئي آهي اسان هر پاڪستاني وانگر هن جنگ جي مذمت ٿا ڪيون جنگ جي نتيجي ۾ جنگ جا اثر نه صرف ايران تائين محدود ڪونه رهيا آهن پر هي جنگ پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي تنهن ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جنگ جي خلاف هوندي آهي چاڪاڻ اسان امن پسند جماعت آهيون اسان سمجهون ٿا ته جنگ ڪنهن مسئلي جو حل ناهي هي جنگ اسرائيل آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ آهي پر جتي جنگ ٿيندي آهي ته اتي عام ماڻهن جو ئي نقصان ۽ عام ماڻهو شهيد ٿيندا آهن ان جنگ جا اثر ان علائقن تائين محدود ناهن ٿيندا جيسيتائين جنگ هلندي رهي ٿي ان جنگ جا اثر هر پاڪستان کي محسوس ٿي رهيا آهن جنگ جا اثر پيٽرول بجلي جي قيمت تي مهانگائي ۽ معاشي بحران جي صورت ۾ نه صرف هر پاڪستاني هي بار کڻي رهيو آهي پر پوري دنيا جا غريب ماڻهو هي بار کڻي رهيا آهن اسان سڀ دعاگو آهيون ته سڀئي قوتون هي ڪوششون ڪري رهيا آهن ته هي جنگ ختم ٿئي ۽ امن قائم ٿئي ان ڪوشش ۾ اسان جي به حڪومت شامل آهي اسين انهن قوتن جي لاءِ دعاگو آهيون ته هو ڪامياب ٿين ۽ هي جنگ جلد کان جلد ختم ٿئي ته جيئن امن قائم ٿئي چاڪاڻ هن جنگ جي ڪري عام ماڻهو بار کڻي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا مجھ وارا شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا جيالا آهيون اسان هنن مشڪلاتن کي منهن ڏئي متحد ٿي گڏجي حالتن جو مقابلو ڪيس انشاء الله تعاليٰ اسان هنن حالتن جو به مقابلو ڪري ڏيکاريندا سين هن چيو ته اهڙيون ڪجھه سياسي ۽ غيرسياسي قوتون آهن جيڪي نفرت جي سياست تي يقين رکن ٿيون پر پيپلز پارٽي جي سياست ملڪ کي هميشه گڏ ڪرڻ سياست ڪئي آهي اسان اهڙي نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين هن چيو ته اڄ اسان قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا شڪر گذار آهيون ته هن پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو ۽ ان جي ڪري اڄ ڏينهن تائين شهيد قائدعوام جي ڏنل پنهنجي ايٽمي پروگرام جي ڪري اهو پروگرام پاڪستان جو بچاءُ ڪري رهيو آهي جيڪڏهن اڄ اهي صيهوني قوتون ايران فلسطين لبنان ۽ شام تي حملا ڪري رهيون آهن جيڪي قوتون پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪڻي ڏسي نه ٿيون سگهن ان جو ڪارڻ قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ڏنل ايٽمي بم آهي اسان چاهيون ٿا ۽ شهيد قائد عوام به چاهيندو هو ته ڪيس پاڪستان کي ايٽمي بم جو تحفو ڏيڻ ۽ ان جو بنياد رکڻ تي شهادت سان منهن ڏيڻو پوندو پر قائدعوام پنهنجي اصولن تان پوئتي نه هٽيو نه ئي پنهنجي اصولن تي سوديبازي ڪئي شهيد ڀٽو شهادت قبول ڪئي پر مسلم امه کي ايٽمي طاقت ڏياريو اڄ اسان مسلم امه کي ڏسون ٿا ته مسلمان ملڪ وڙهايل آهن ته اسان شهيد قائدعوام کي ياد ڪندا آهيون قائدعوام هن ملڪ جو وزيراعظم هيو ته ڪيس نه صرف پاڪستان جو ليڊر تسليم ڪيو ويندو هو پر ڪيس مسلم امه جو به ليڊر تسليم ڪيو ويندو هو قائدعوام جي ڪري پوري مسلم امه پاڪستان ۾ اچي سندس جي جي صدارت هيٺ لاهور ۾ او آءِ سي ڪانفرنس ڪئي جيڪا ڪانفرنس تاريخ جو حصو بڻيل آهي هن چيو ته ڪاش قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اها سوچ ۽ سياست اڄ پاڪستان ۽ عالمي سطح تي موجود هجي ها چاڪاڻ اڄ به قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙي قيادت جي ضرورت آهي عالمي سطح تي قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيان سياست ۽ سياسي طريقه ڪار وانگر پاڪستان جي اندر به شهيد ڀٽو جي سوچ ۽ نظريي جي ضرورت آهي شهيد ڀٽو جي سياست جو نظريو هن ملڪ جي غريب عوام ۽ عام ماڻهو جي لاءِ هو جيڪڏهن شهيد ڀٽو جي سياست هئي ته اها پاڪستان جي عوام جي لاءِ هئي جيڪڏهن ان جي سياسي معاشي ۽ پرڏيهي پاليسي هئي ته هن ملڪ جي غريب عوام لاءِ هئي مان ڄاڻان ٿو ۽ مون کي احساس آهي مان محسوس ڪيان ٿو ته هن وقت پاڪستاني عوام جنهن مشڪل مان گذري رهيو آهي خاص طور معاشي مشڪلاتون آهن اهڙيون مشڪلاتون اسان پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪو نه ڏٺيون آهن پاڪستاني عوام ڄاڻي ٿو ته هن جنگ ۾ پاڪستان جو ڪو ڏوهه ناهي جن جنگ جوڙي آهي انهن جا ارادا ڪهڙا آهن؟ عوام هن جنگ جي نتيجي ۾ معاشي مشڪلاتن سان منهن ڏئي رهيا آهن بين الاقوامي سطح تي پاڪستان ۽ هن خطي ۾ مشڪلاتون آهن اسان جي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون سوچي رهيون آهن ته عام ماڻهن ۽ غريب ماڻهن کي ڪهڙي نموني رليف ڏيون پاڪستان جي عوام کي خبر آهي ته وفاقي حڪومت ڪهڙن ڪهڙن مشڪلاتن سان منهن ڏئي رهي آهي اهڙن مشڪلاتن جي باوجود اسان محنت ڪئي مرڪز ۽ صوبن ملي ڪري هنن مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ ڪهڙي پاليسي ڏئي مدد پهچائي سگهون ٿا ان تي گهڻو ڪم ڪيو ويو اسان عيد جي موقعي تي لاڙڪاڻو نئون ديرو هئاسين ته اسلام آباد وارا آيا اسان جا وفاقي وزير آيل هئا جن بريفنگ ڏني ته گهٽ ۾ گهٽ انهن منهنجي عيد خراب ڪري ڇڏي جڏهن کان هي جنگ شروع ٿي آهي ۽ مارچ جي آخر تائين وفاقي حڪومت هڪ بلينڪيٽ سبسڊي ڏني جيئن پوري دنيا ۾ مهانگائي جو مسئلو آهي ان ۾ پاڪستان جي عوام ۾ مشڪلاتن ۾ گهٽتائي اچي پر اپريل جي شروع کان وٺي اها گنجائش نه هئي ته اها سبسڊي جاري رکجي اهڙي صورتحال ۾ هڪ ئي وقت اسان جي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تاريخي واڌ ٿي اسان پريشان آن جي ڪري آهيون ته تاريخي واڌ سان گڏوگڏ مهانگائي ۾ گهٽتائي نه پئي ٿئي ان مهانگائي ۾ اضافو ٿيڻو هو جنهن جو بار پاڪستان جي غريب ماڻهن کي کڻڻو هوان صورتحال ۾ اسان جي ڪوشش ۽ درخواست اها هئي ته سبسڊي جاري رهي نه ٿي سگهي ۽ اها ناممڪن آهي ته پوءِ ڇا ڇا ڪري سگهجي ٿو ته جيئن اسان عوام تائين ڪجھه نه ڪجھه رليف پهچائي سگهون اسان تيار هئاسين ته جتي وفاقي حڪومت پنهنجي ذميواري نڀائيندي خرچ ڪري ها اتي صوبائي حڪومتون به پنهنجي بجيٽ کي ڪٽي ڪري پنهنجو حصو وجهي اهڙي قسم جا پروگرام شروع ڪري سگهون اسان سنڌ ۾ بينظير هاري ڪارڊ جي شروعات ڪئي ته جڏهن ڊيزل جي قيمت ۾ اضافو ۽ زرعي شعبي کي جڏهن نقصان ٿيندو ته اسان پئسن جي ذريعي مدد ڪري سگهون تنهن ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن ڪارڊ جي ذريعي ننڍن هارين کي معاشي مدد ڏني ويندي ته جيئن قيمتن ۾ واڌ جي ڪري ان جو فائدو ننڍن هارين تائين پهچي ۽ مشڪل وقت جو مقابلو ڪندي انهن کي مالي مدد ڏئي سگهون مان وزيراعليٰ ۽ ان جي ٽيم جو شڪرگذار آهيان ته هو هن پروگرام کي فعال ڪري آبادگارن کي مدد پهچائي، گڏوگڏ معاشي مشڪلاتن ۽ تاريخي مهانگائي کي ڏسندي توڙي احساس ڪيو هونئين ته اهو مشڪل آهي ته عام ماڻهو ان جو بار کڻي سگهي، نه ئي وفاقي حڪومت وٽ اهي وسيلا موجود آهن ته جيڪي هو سبسڊي ڏئي رهيا هئا ان کي جاري رکن تنهن ڪري اسان فيصلو ڪيو ته سنڌ حڪومت موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ سبسڊي متعارف ڪرائيندي، انهن ٻنهي منصوبن جي لاءِ جن جي اسان مدد ڪري سگهون ٿا انهن جي مدد ڪيون اسان هارين ۽ موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي فائدو ڏيڻ چاهيون ٿا، آبادگارن جن وٽ 25 ايڪڙ کان گهٽ زمين آهي اهي پاڻ کي ضرور رجسٽرڊ ڪرائن ته جيئن هو هن پروگرام مان لاڀ حاصل ڪري سگهن اسان کي خبر ناهي ته هي حالتون ڪيسيتائين هلنديون اڳتي هلي ڪري وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هارين کي مدد فراهم ڪرڻ چاهن ته ان جو به طريقه ڪار اهو ئي آهي هن چيو ته موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته موٽرسائيڪل ان جي نالي رجسٽرڊ هجي سنڌ حڪومت کي گذارش ڪندس ته موٽرسائيڪل نالي ڪرڻ جي فيس به معاف ڪئي وڃي ته جيئن موٽرسائيڪل هلائيندڙ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن هن چيو ته وڏي پريشان ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته ٽرانسپورٽ جي سهولت عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿيندو ۽ جيتري مهانگائي ٿيندي اوترو ئي

عبرت
68
سنسار
IBRAT SANSAR
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 05 اپریل 2026ع
سنڈے ایڈیشن
انچارج: مجیب ناریجو

تیل جي اگهن ۾ واڌ ۽ عوامي نفرت

فیضان احمد

ملک ۾ پيٽرول ۽ ڈيزل جي قيمتن ۾ تازو ڪيل پيماڪو واڌاري عام ماڻهن لاءِ ناقابل برداشت بڻائي ڇڏيو آهي. تيل جي قيمتن ۾ ٻي ڀيرو، سان ڪيل رڪارڊ واڌ ڪئي وئي. نه رڳو ٽرانسپورٽ جو نظام متاثر ٿيو آهي، پر مهانگائيءَ جي هڪ نئين ۽ سخت طوفان ۾، اڀرندڙ آهي. مخالف ڏر جا سياستدان ۽ معاشي ماهر حڪومت جي سخت تنقيد ڪندي، هن فيصلي کي "عوام دشمن پاليسي" قرار ڏئي رهيا آهن.

2 اپريل تي ٿيل هي اگهن ۾ ڪيل واڌاري بابت سرڪاري ڏسناڑين موجب، في ليٽر پيٽرول جي قيمت ۾ وڌ حصو مختلف ٽيڪسن، ليويز ۽ سرڪاري نفعي تي آڌاريل آهي. شهري صرف ٽيڪسن جي صورت ۾ في ليٽر پيٽرول لاءِ 211 روپين ڪن وڌيڪ ادا ڪري رهيا آهن. جيڪو واضح ثبوت آهي ته عالمي عنصرن ڪان وڌيڪ سرڪاري پاليسين ۽ ٽيڪس واڌيچ سبب مهانگائي جو احساس ٿيل بار وڌي رهيو آهي. في ليٽر پيٽرول جو 160.61 روپيا پيٽروليم ليويز شامل آهي، جيڪو ڪل قيمت جو سڌو حصو آهي. ان کان علاوه، ڪسٽم ڊيوٽي، ان لينڊ فريٽ مارجن (ٽيمل ڪي ٻاندڳاه ۽ ريفائنري مان ملڪ جي مختلف شهرن تائين پهچائڻ جو خرچ)، آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين جو نفعو ۽ پمپ ڊيلرز جو ڪميشن جهڙا خرچ پڻ عوامي قيمت ڪي مسلسل وڌائي رهيا آهن. ماهرن موجب الها سڀچي حوڙجڪ ظاهر ڪري ٿي ته اقتدار ڏانهن تيل ڪي ميل ميزائل جو ڏيرءِ بڻايو آهي، جنهن جو سڌو سنڌون ٻار غريب عوام تي رڌو پيو وڃي.

حڪومت 2 اپريل 2026 تي پيٽرول جي قيمت ۾ ملندڙ 137.24 روپيا ۽ ڈيزل جي قيمت ۾ 184.49 روپيا في ليٽر واڌ ڪئي، جنهن ڪان پوءِ پيٽرول 458 روپين ڪان وڌي ويو ۽ ڈيزل جو 520 روپين ڪان ڇڪي ويو. ڪيروسين تيل جي مختلف ٽن ڏيرائين ڪان ڇڪي ويو. ڪيروسين تيل جي قيمت ۾ 160.61 روپيا جو واڌارو ٿيو آهي، جڏهن ته ايڪ ڪاٽي ويٽي واري شين جي قيمتن ۾ واڌ سان

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 05 اپريل 2026ع

دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجندڙ وچ اوڀر ڇڪتاڻ!

وچ اوڀر جي صورتحال ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گنڀير ٿيندي پئي وڃي جتي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي رهي آهي. ٻنهي ملڪن جي قيادت جي تازن بيانن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ جنگ بندي ٿي وڃي، تڏهن به هيءُ تڪرار ختم ٿيڻ وارو ناهي. ايراني فوجي ترجمان جو اهو بيان ته ’ايران آمريڪي فوج کي خطي مان ڪڍڻ تائين پنهنجون ڪارروايون جاري رکندو‘. ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته اڄوڪو بحران رڳو هڪ عارضي ٽڪراءُ ناهي پر هڪ ڊگهي ۽ منظم حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. ايران جي پاليسي واضح طور تي آمريڪي اثر کي وچ اوڀر مان ختم ڪرڻ آهي. ان لاءِ هو نه صرف فوجي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي پر خطي ۾ آمريڪي موجودگيءَ کي ’ناقابلِ برداشت‘ بڻائڻ جي ڳالهه به ڪري رهيو آهي. اهڙي حڪمت عمليءَ سان خطي ۾ امن جي اميدون گهٽجڻ لڳن ٿيون. ڇاڪاڻ ته جڏهن هڪ ڌر پنهنجي مقصدن لاءِ مسلسل دٻاءُ ۽ طاقت جو استعمال جاري رکي ٿي ته ٻي ڌر به ردعمل ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿي. اهڙي ريت تڪرار جو دائرو وڌندو وڃي ٿو ۽ حالتون وڌيڪ خطرناڪ رخ اختيار ڪن ٿيون. آبناءِ هرمز جهڙي اهم سامونڊي لنگهه بابت سخت موقف به عالمي سطح تي ڳڻتيءَ جو سبب آهي. اهو لنگهه دنيا ۾ تيل جي فراهميءَ لاءِ هڪ اهم رستو آهي ۽ جيڪڏهن ايران ان کي بند ڪرڻ يا محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ان جا اثر سڌي طرح عالمي معيشت تي پوندا. تيل جي اگهن ۾ اوچتو واڌ، واپار ۾ رڪاوٽون ۽ معيشت ۾ هيٺ مٿانهين ٿيڻ سان دنيا جا ڪيترائي ملڪ، خاص طور تي ترقي پذير رياستون، سخت بحران جو شڪار ٿي ويون آهن.

ٻئي طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران جي افزوده يورينيم تي قبضي جو اظهار هڪ نئين خطري کي جنم ڏئي رهيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙو قدم نه صرف عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي هوندو پر اهو هڪ انتهائي خطرناڪ مثال به قائم ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي خودمختياريءَ کي اهڙي طرح للڪاريو وڃي ته پوءِ عالمي نظام جي بنيادن تي به سوال اڀرڻ لڳن ٿا. جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ٿي ۽ ان ۾ فوجي ڪارروائي شامل ٿئي ٿي ته ان سان نه صرف وڏي پيماني تي انساني جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون پر تابڪاري جا اثر به پوري خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ رڳو هڪ يا ٻه ملڪ نه پر سڄي دنيا متاثر ٿيندي. ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اهو تڪرار وڌي ٿو ته عالمي طاقتون جهڙوڪ روس ۽ چين به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون. اهڙي صورت ۾ هيءُ علائقائي تڪرار عالمي جنگ ۾ تبديل ٿي ويندو ۽ ان جا نتيجا تباهه ڪندڙ هوندا. تنهنڪري گڏيل قومن، عالمي طاقتن ۽ علائقائي ادارن کي گهرجي ته هو فوري طور تي سنجيده قدم کڻن. سفارتي ڳالهين کي هٿي ڏيڻ، ٺاهوڪڙي ڪرڻ ۽ تڪرار کي وڌڻ کان روڪڻ موجوده وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. ڇو ته جنگ ۽ طاقت جو استعمال ڪڏهن به پائيدار حل نٿو ڏئي سگهي جڏهن ته ڳالهين ۽ مفاهمت ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ سان ئي ڊگهي مدي واري امن کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

بهرحال اسان سمجهون ٿا ته جنگ بندي صرف هڪ عارضي امن مهيا ڪري سگهي ٿي پر جيڪڏهن بنيادي مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن ته تڪرار ٻيهر جنم وٺندو. وچ اوڀر جي صورتحال هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن دنيا هن وقت به سنجيدگيءَ سان قدم نه کنيا ته مستقبل ۾ ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. امن استحڪام ۽ گڏيل ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته سڀ ڌريون طاقت بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪن. ڇو ته جنگ جو انجام هميشه تباهي هوندو آهي، جڏهن ته امن ئي انسانيت جي بقا جي ضمانت آهي.

ٽيڪسٽائل ايڪسپورٽرز تي وڌندڙ ٽيڪس جو دٻاءُ!

چوڌري سلامت علي

وچ اوڀر ۾ هلندڙ جنگ ۽ سڄي دنيا ۾ وڌندڙ معاشي بيچيني جا اثر هاڻي پاڪستان جي ٽيڪسٽائل انڊسٽري تي به صاف نظر اچڻ لڳا آهن. محڪمه شماريات طرفان جاري ڪيل تازي انگن اکرن موجب، فيبروري 2026ع ۾ پاڪستان جي ٽيڪسٽائل برآمدات جنوري جي ڀيٽ ۾ 24.6 سيڪڙو گهٽجي لڳ ڀڳ 1.3 ارب ڊالر تائين اچي ويون آهن. هي گهٽتائي رڳو گذريل مهيني سان نه، پر گذريل سال جي ساڳئي مهيني جي مقابلي ۾ به لڳ ڀڳ 7 سيڪڙو گهٽ آهي، جيڪو صنعت لاءِ ڳڻتي جوڳو اشارو آهي. هن گهٽتائيءَ جا اثر ٽيڪسٽائل شعبي جي مختلف حصن ۾ به واضح ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. صرف هڪ مهيني اندر: نِٽ ويئر (تيار ٿيل سوئيٽر وغيره) جي برآمدات ۾ 14.5 سيڪڙو گهٽتائي، بيڊ ويئر (چادرون وغيره) ۾ 11.5 سيڪڙو گهٽتائي، ٽوالز ۾ 16.37 سيڪڙو گهٽتائي، سوٽي ڪپڙي ۾ 10.9 سيڪڙو گهٽتائي ۽ ريڊي ميڊ گارمينٽس ۾ 0.56 سيڪڙو گهٽتائي ڏٺي وئي آهي. پر ٻئي پاسي هڪ اهم ڳالهه اِها به سامهون آئي آهي ته سوٽي ڌاڳي جي برآمدات ۾ 43.6 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. ان مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو ته ملڪ اندر ٽيڪسٽائل فيڪٽرين ۾ هن بنيادي خام مال جي کپت گهٽجي وئي آهي، يعني ڪارخانا گهٽ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڌاڳو ٻاهر وڪرو ٿي رهيو آهي.

ٻئي پاسي، وچ اوڀر جي صورتحال جي سبب ايئر ڪارگو ۽ ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌي ويا آهن. جنهن سبب برآمد ڪندڙن تي آپريٽنگ چارجز جو اضافو مالي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي. انهن اضافي خرچن جي حوالي سان، ايئر ڪارگو ڪمپنيون هاڻي برآمد ڪندڙن کان مال کي شپنگ ڪرڻ کان اڳ ئي وڌيڪ ادائيگي جو مطالبو ڪري رهيون آهن. ڪمپنيون اِن جو جواز ڏين ٿيون ته اِهي اضافي چارجز عارضي قدم آهن ۽ انهن جو مقصد صرف ايئر فيول ۽ بين الاقوامي خرچن کي پورو ڪرڻ آهي. پر اهم ڳالهه اِها آهي ته اِهي عالمي ايئر ڪارگو ڪمپنيون چارجز وڌائڻ جو فيصلو حڪومت يا پاڪستان ايئر ڪارگو ايجنٽس ايسوسيئيشن سان مشاورت يا اڳواٽ اطلاع ڏيڻ کانسواءِ ڪيو آهي ان سبب، اڳ ئي بحران مان گذرندڙ برآمد ڪندڙن تي مالي دٻاءُ وڌيڪ وڌي ويو آهي. خاص ڪري، وچ اوڀر ۾ جاري جنگ جي ڪري، سمنڊ رستي مال پهچائڻ وارين شپنگ ڪمپنين طرفان في ڪنٽينر 3500 کان 4000 ڊالر اضافي سرچارج لاڳو ٿيڻ سبب، برآمد ڪندڙن تي مالي دٻاءُ سخت وڌي ويو آهي.

عالمي سطح تي جيڪي چئلينجز موجود آهن. انهن سان گڏوگڏ برآمد ڪندڙن کي وفاقي ۽ صوبي جي حڪومت طرفان نوان ٽيڪس لاڳو ٿيڻ کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان جو اثر صرف ٽيڪسٽائل انڊسٽري جي عالمي مسابقت تي نه پئجي رهيو آهي، پر خرچ وڌڻ سبب پيداوار جو عمل به سست ٿي رهيو آهي. روايتي مالي سال جي شروعات کان، برآمداتي صنعت تي لاڳو ايڊوانس ٽيڪس هڪ سيڪڙو کان وڌائي ڏيڍ سيڪڙو ڪيو ويو. جڏهن ته اڳ ۾ ئي لاڳو 18 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس جي ادائيگي ۾ مسلسل دير پيداوار جي صلاحيت وڌائڻ ۾ مشڪل پيدا ڪري رهي هئي، هاڻي پنجاب حڪومت طرفان برآمداتي صنعت تي انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ سيز لاڳو ڪرڻ جا اشارا مليا آهن جنهن سبب برآمد ڪندڙن تي ٽيڪسن جو بار وڌڻ جو خدشو آهي. خاص طور تي، هن خطي ۾ بلند ترين انرجي ٽيرف، وڌيڪ شرح سود، خام مال ۽ پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن سبب پاڪستان جي ٽيڪسٽائل انڊسٽري اڳ ئي وڏين مشڪلاتن ۾ آهي اهڙي صورتحال ۾ نوان ٽيڪس ۽ انفراسٽرڪچر سيز لاڳو ڪرڻ برآمد ڪندڙن تي غير ضروري مالي دٻاءُ وجهي سگهي ٿو برآمد ڪندڙ اڳ ۾ ئي عالمي منڊي ۾ پنهنجو مقابلو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اهڙا نوان صوبائي محصولات نه صرف چين جي سپلائي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندا، پر برآمد ڪندڙن جي حوصلاشڪني جو سبب به بڻجي سگهن ٿا. ان جو نتيجو اهو ٿيندو ته پنجاب جي صنعتي ترقي ۽ برآمدات وڌائڻ جي ڪوششن تي اثر پوندو. پيداوار ۾ سستي سبب بيروزگاري وڌڻ جو به خطرو آهي.

موجوده حالتن جو تقاضو آهي ته وفاقي ۽ صوبي جون حڪومتون برآمد ڪندڙن تي لاڳو ٽيڪسن ۾ مناسب گهٽتائي ڪن ۽ جيڪڏهن اهو ممڪن نه آهي ته گهٽ ۾ گهٽ نئون ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. حڪومت کي اها حقيقت مڃڻي پوندي ته پاڪستان جو موجوده ٽيڪس نظام ۽ قانوني/ريگوليٽري فريم ورڪ برآمد ڪندڙن جي مشڪلاتن کي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. ان جو هڪ سادو مثال اهو آهي ته: هڪ طرف ٽيڪسٽائل جي برآمد ڪندڙن کي هر ڏيتي وٺ تي به سيڪڙو ايڊوانس ٽيڪس ادا ڪرڻو پوي ٿو جڏهن ته ٻئي طرف، مقامي مارڪيٽ ۾ ڪاروبار ڪندڙ ادارن کان ٽيڪس هر ٽه ماهي بنيادن تي ورتو ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ برآمد ڪندڙن لاءِ مالي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ۽ عالمي منڊي ۾ مقابلي جي صلاحيت گهٽجي رهي آهي.

هن صورتحال جي ڪري ٽيڪسٽائل جي برآمد ڪندڙن جي سرمائي جو وڏو حصو ري فنڊس جي واپسي واري نظام ۾ ڦاسي پيو آهي، جنهن سبب انهن کي سرمائي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان کان علاوه، ٽيڪس اختيارين کي برآمد ڪندڙن کان ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ وسيع اختيار ڏنا ويا آهن. جيڪي برآمد ڪندڙن لاءِ هراس جو سبب بڻجي رهيا آهن. برآمد ڪندڙ اڳ ۾ ئي ڪاروبار جي وڌي لاڳت ۽ عالمي مقابلي جي دٻاءُ سبب مشڪلاتن ۾ مبتلا آهن. تنهنڪري، جيڪڏهن حڪومت ڪين سلو ستون

فتح جو اعلان يا جنگ جو وقفو؟

اعظم ملڪ

دنيا جي نقشي تي وچ اوڀر وري هڪ ڀيرو ٻيهر ٻري رهيو آهي پر هن ڀيري صرف بارود نه ٿو سڙي، پر ڳالهيون، دعوائون ۽ بيانيا به سڙي رهيا آهن سچ ۽ تاثر جي وچ ۾ هڪ مائي جنگ هلي رهي آهي هڪ پاسي امريڪا جي شهر واشنگٽن ۾ ويٺل صدر ڊونلڊ ٽرمپ آهي جيڪو قوم کي خطاب ڪندي چوي ٿو ته اسان ايران کي تاريخ جو سڀ کان وڏو نقصان پهچايو آهي ان جي بحري فوج ختم ٿي وئي، هوائي فوج تباهه ٿي وئي، قيادت به ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي رڳو ٻه يا ٽي هفتا بچيا آهن جن ۾ مشن مڪمل ٿي ويندو پر ٻئي پاسي حقيقت اڃا به سوال پڇي رهي آهي: ڇا واقعي جنگ ختم ٿيڻ واري آهي يا رڳو ان جو هڪ حصو بند ٿي رهيو آهي؟ اصل ۾ هيءَ ڪهاڻي صرف ٽرمپ، ايران، اسرائيل يا خليجي ملڪن تائين محدود ناهي پر عام ماڻهن جي آهي انهن ماڻهن جي جيڪي غزه ۾ ملبي هيٺ دٻيل آهن جن جي زندگي هر ڏينهن خطري ۾ آهي، آهي اسرائيلي شهري به هن ڪهاڻي جو حصو آهن جيڪي شايد پهريون ڀيرو پنهنجي ئي گهرن ۾ خوف محسوس ڪري رهيا آهن آهي ايراني خاندان به شامل آهن جيڪي ايندڙ راتين بابت ڪجهه به پڪ سان نٿا چئي سگهن ته ڇا ٿيندو ۽ آهي امريڪي شهري به، جيڪي هزارين ميل پري ويهي ٽي وي تي فتح جون خبرون ٻڌي رهيا آهن پر سندن دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ سوال ضرور آهي: ڇا هي واقعي فتح آهي يا صرف هڪ اهڙو قصو آهي جيڪو ماڻهن کي ڊيڪلير ڪيو ويو؟ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي تقرير اصل ۾ هڪ روايتي جنگي انداز جي ڳالهه آهي، جنهن ۾ طاقت ڊيڪلير، دشمن کي مڪمل تباهه ڪرڻ جون دعوائون ڪرڻ ۽ جلدي ڪاميابي جو واعدو ڪرڻ شامل هوندو آهي “we have all the cards” جهڙا جملا رڳو لفظ ناهن، پر هڪ اهڙي سوچ کي ظاهر ڪن ٿا، جنهن ۾ دنيا کي شطرنج جي بورڊ وانگر ڏٺو وڃي ٿو جتي هر ملڪ هڪ مُهري وانگر آهي ۽ هر بحران صرف هڪ چال سمجهيو وڃي ٿو. امريڪا چوي ٿو ته هن ايران کي 15 کان 20 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اهو سچ به مڃجي، تڏهن به سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا رڳو ڪنهن ملڪ جي فوجي يا ايٽمي طاقت کي ڪجهه وقت لاءِ ڪمزور ڪرڻ ئي ڪاميابي آهي؟ تاريخ اسان کي اهو سيکاري ٿي ته جنگيون صرف هٿيارن سان نه کٽيون وينديون آهن، پر حوصلي، ارادي ۽ همت سان کٽيون يا هاريون وينديون آهن. جيڪڏهن ايران جو ارادو اڃا به مضبوط آهي ۽ ان جي جاگرافيائي حيثيت اڃا به اهم آهي، خاص ڪري آبنائي هرمز جي صورت ۾، جيڪو دنيا جي معيشت لاءِ شهه رڳ وانگر آهي ته پوءِ اها ڪاميابي ڪيتري مڪمل چئي سگهجي ٿي؟ هتي هرمز جو ذڪر ان ڪري اهم آهي ڇو ته دنيا جو وڏو حصو پنهنجي توانائي (تيل وغيره) هن ئي رستي مان حاصل ڪري ٿو ۽ ايران اڃا تائين ان تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو انهيءَ ڪري عالمي ماهر چون ٿا ته اصل جنگ ختم ناهي ٿي، پر صرف پنهنجو روپ بدلائي رهي آهي. هن سڄي صورتحال ۾ اسرائيل جو ڪردار به تمام اهم آهي. اسرائيل جو وزيراعظم هن ڪارروائي کي ڪاميابي قرار ڏئي ٿو پر زميني حقيقت ڪجهه ٻي آهي عام اسرائيلي ماڻهو هاڻي پاڻ کي اڳ وانگر محفوظ محسوس نٿا ڪن. جڏهن سائرن وڄن ٿا، جڏهن ميزائل روڪڻ واري نظام هوندي به ڪجهه حملا ڪامياب ٿي وڃن ٿا، تڏهن خوف صرف ڳالهه نه رهي ٿو پر هڪ سچائي بڻجي وڃي ٿو.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو امريڪا جي اتحادي ملڪن بابت جهڙوڪ فرانس، برطانيا ۽ خليجي ملڪ. ٽرمپ جو اهو چوڻ ته ’اسان کان فيول خريد ڪريو يا پاڻ وڃي آبنائي هرمز تان تيل وٺي اچو. اسان توهان جو رويو ياد رکنداسين‘ اصل ۾ هڪ نئين عالمي نظام جو اعلان آهي هاڻي اهو پراڻو امريڪا نه رهيو آهي جيڪو پنهنجن ساٿين کي مفت ۾ تحفظ ڏيندو هو، پر هاڻي هڪ اهڙو امريڪا نظر اچي ٿو جيڪو چوي ٿو ته سيڪيورٽي به هاڻي هڪ سروس آهي يعني ان جي به قيمت ادا ڪرڻي پوندي. هن بيان مغربي اتحاد اندر موجود اختلافن کي وڌيڪ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي يورپ هاڻي وڌيڪ احتياط سان هلڻ لڳو آهي ۽ پاڻ کي وڌيڪ خودمختيار بڻائڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي جڏهن ته خليجي ملڪ اڃا تائين امريڪا کان اِها ئي اميد رکن ٿا ته هو ايران خلاف مڪمل دٻاءُ جاري رکي هن سڄي صورتحال ۾ چائنا جو سفارتڪاري (ڊپلوميسي) ڏانهن اچڻ هڪ اهم موڙ آهي جڏهن هڪ طرف جنگ جون ڳالهيون عروج تي هجن ۽ ٻئي طرف ڪا وڏي طاقت خاموشي سان ڳالهين ۽ صلح جي ڳالهه ڪري، ته اهو عالمي طاقت جي توازن ۾ تبديلي جو اشارو هوندو آهي چين کي خبر آهي ته استحڪام ان جي معيشت لاءِ ضروري آهي تنهنڪري هُو اِها خالي جاءِ ڀرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جيڪا امريڪا جي ممڪن پوئتي هٽڻ سان پيدا ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن چين هن ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو، ته پوءِ دنيا هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي سگهي ٿي اهڙو دور جتي رڳو هڪ ملڪ سڀ فيصلا نه ڪندو، پر ڪيترائي طاقتور ملڪ گڏجي توازن قائم ڪندا ۽ دنيا جي سياست کي هلائيندا ۽ پوءِ اهو سوال سامهون اچي ٿو جنهن سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو آهي: امريڪا جا عام ماڻهو ڪٿي آهن؟ آهي ماڻهو، جيڪي پاڻ کي جمهوريت، اظهار جي آزادي ۽ انساني حقن جا وڏا حامي سمجهندا آهن غزه ۾ هزارين ماڻهو مارجي ويا آهن. ايران تي حملا ٿي رهيا آهن پر پوءِ به امريڪا جي اندر اهو وڏو، زوراَتو ردعمل نظر نٿو اچي جيڪو اڳ ويٽنام يا عراق جنگ جي دوران ڏٺو ويو هو اڄ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو رڳو هڪ جنگ ناهي پر هڪ نئين عالمي نظام جي ٺهڻ جو عمل آهي امريڪا پنهنجي طاقت ڏيکاري رهيو آهي چائنا پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي يورپ پنهنجي خودمختياري ڳولي رهيو آهي ۽ وچ اوڀر وري هڪ ڀيرو عالمي سياست جو مرڪز بڻجي ويو آهي پر هن سڀني ڳالهين جي وچ ۾ سڀ کان وڏو سوال اڃا به ساڳيو آهي: ڇا هي واقعي پڄاڻي آهي يا رڳو هڪ وقفو، هڪ اهڙو ساهه کڻڻ جو لمحو جنهن کانپوءِ ڪهاڻي ٻيهر نئين رُخ سان شروع ٿيندي؟

اسلامي دفاعي اتحاد، وقت جي اهم ضرورت!

رحمت الله ڀرڙو

آمريڪا اسرائيل ايران جنگي صورتحال ۾ مسلم رياستن ۽ قيادتن لاءِ هڪ اهم سوال سامهون آيو آهي ته جيڪڏهن مسلم رياستون ۽ قيادتون پنهنجي برادرانه بنيادن تي يا گڏيل مقصدن جي بنيادن تي پاڻ ۾ متفق ۽ متحد نه هوندا ته غير يا غير مسلم طاقتون پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ واري واري سان وسيلن تي حملا ۽ جنگيون ڪندا رهندا ايران تي مڙهيل آمريڪي ۽ اسرائيلي جنگي جنون ڪانپوءِ پيدا ٿيل عالمي صورتحال ۾ مسلم دنيا لاءِ وڏو سوال پنهنجو رياستي دفاع ۽ وسيلن تي ڪنٽرول هجڻ ضروري ٿي پيو آهي ان سلسلي ۾ گذريل سال پاڪستان-سعودي عرب دفاعي معاهدو منظرعام تي آيو هو ان ڪانپوءِ وري آمريڪا ايران جنگ ۾ هڪ نئون سوال مسلم دنيا جو بچاءُ سندن هڪ هٽي ۾ دفاعي اتحاد وارو اهميت اختيار ڪري ويو آهي انهيءَ سلسلي ۾ گذريل ڏينهن هڪ خبر سامهون آئي آهي جيڪا هن ريت پڻ آهي پاڪستان، ترڪي سعودي ۽ مصر طرفان اسلامي دنيا جو دفاعي اتحاد ٺاهڻ جون تياريون شروع. ترڪي پاڪستان، سعودي عرب ۽ مصر هڪ دفاعي اتحاد ٺاهڻ وڃي رهيا آهن. هيءَ اهم خبر ترڪ حڪومت جي هڪ حامي اخبار ترڪيه پڻ ڏني آهي چار ملڪي نمائندن واري اجلاس جو مرڪز ايران جي جنگ، ان جا اثر ۽ ملڪن وچ ۾ فوجي هم آهنگي پڻ هو اخبار جي خبر موجب اسلام آباد ۾ ڪيترائي اصولي فيصلا ڪيا ويا ۽ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ايندڙ اجلاس ترڪيءَ ۾ ٿيندو سيڪيورٽي ذريعن موجب هوڏانهن عالمي ميڊيا سان ڳالهائيندي تجزئي نگارن جو خيال آهي ته پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي اتحاد ۾ سعودي عرب ۽ مصر جي شموليت سان اهو پيغام ملي ٿو ته اسلامي دنيا جا فيصلا هاڻي اسان پاڻ ڪنداسين وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي خاص طور تي فلسطين جي Gaza Strip ۾ جاري انساني بحران ۽ ايران خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اسلامي دنيا کي هڪ نئين سوچ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ اسلامي ملڪن لاءِ رڳو بيان بازي ڪافي ناهي پر گڏيل دفاعي حڪمت عملي وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي

گذريل ڏهاڪن ۾ عراق، افغانستان ۽ مصر جهڙن ملڪن جا تجربا ثابت ڪن ٿا ته جڏهن اسلامي دنيا ورهايل هجي ٿي تڏهن ٻاهرين طاقتون آسانيءَ سان مداخلت ڪري سگهن ٿيون ان جي ابتڙ جيڪڏهن گڏيل قوت سان اڳتي وڌجي ته عالمي سطح تي طاقت جو توازن به تبديل ٿي سگهي ٿو. هن پس منظر ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ وڌندڙ دفاعي تعاون هڪ اهم اڀرائي طور ڏٺو پيو وڃي هيءُ تعاون نه رڳو ٻطرفو آهي پر اهو اسلامي دنيا لاءِ هڪ وسيع دفاعي اتحاد جو بنياد به بڻجي سگهي ٿو اهڙي اتحاد جو تصور نيٽو جهڙي ماڊل سان ٿي سگهي ٿو، جتي هڪ ملڪ تي حملو سڀني تي حملو تصور ڪيو ويندو آهي اسلامي دفاعي اتحاد جي قيام لاءِ پهريون قدم گڏيل دفاعي معاهدي جو اعلان هجڻ گهرجي جنهن ۾ واضح طور تي گڏيل سلامتيءَ جو اصول طئي ڪيو وڃي ٻيو اهم قدم گڏيل فوجي ڪمانڊ جو قيام آهي جنهن ذريعي مختلف ملڪن جي فوج هڪ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪري سگهي گڏيل فوجي مشقون، انٽيليجنس شيئرنگ ۽ هنگامي حالتن ۾ تيز ردعمل اهڙي نظام کي مؤثر بڻائي سگهن ٿا. ان کان علاوه، دفاعي صنعت ۾ خودڪفالت انتهائي ضروري آهي ترڪي پاڪستان ۽ ايران جهڙا ملڪ جديد فوجي ٽيڪنالاجي ۾ اڳڀرا آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي صلاحيتن کي گڏ ڪيو وڃي ته اسلامي دنيا مغربي انحصار کان وڏي حد تائين آزاد ٿي سگهي ٿي ساڳئي وقت، گڏيل دفاعي فنڊ ۽ معاشي تعاون به هن اتحاد کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم عنصر آهن بهرحال سڀ کان وڏو چيلينج اسلامي دنيا جا اندروني اختلاف آهن فرقي وارانو تڪرار، علائقائي سياست ۽ مفادن جي ٽڪراءَ کي ختم ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن به اتحاد جي ڪاميابي ممڪن نه آهي ان لاءِ ضروري آهي ته اسلامي تعاون تنظيم (OIC) کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي ته جيئن اهو اختلافن جي حل لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهي اڄ جي بدلجندڙ عالمي حالتن ۾ اسلامي دنيا لاءِ گڏيل دفاعي اتحاد رڳو هڪ آپشن نه پر بقا جو سوال بڻجي چڪو آهي جيڪڏهن اسلامي ملڪ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن ٿا ته هو نه رڳو پنهنجي خودمختياريءَ جي حفاظت ڪري سگهن ٿا پر عالمي سياست ۾ هڪ مضبوط ۽ بااثر بلاڪ طور به اڀري سگهن ٿا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ تاريخ، تحريڪ ۽ اڌورا خواب!

منظور ڪوسو

بي مثال جرئت، همت ۽ حوصلي جو مالڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صرف هڪ سياسي اڳواڻ نه پر پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ، هڪ سوچ ۽ هڪ دور جو نالو آهي جنهن جو سحر اڄ ڏينهن تائين قائم آهي تاحال پ پ پ جيڪي به سياسي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن انهن جو بنياد ’جيئي ڀٽو‘ جو سحر آهي، پوءِ اهو هڪ الڳ بحث آهي ته ان نعري ۽ نظريي سان ڪيتري قدر نڀايو ويو آهي 51 سالن جي ڀرپور جوشيلي ۽ جذباتي عمر ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جو نهايت ڏکوئيندڙ موت 47 سال گذرڻ کانپوءِ به ماڻهو درد جي ان ڪاري رات کي وساري ناهن سگهيا. ڀٽي کي مٽائيندڙ جيتوڻيڪ جسماني طور ته ان کي ختم ڪيائون پر انجام انهن جو به عبرتناڪ ٿيو ۽ ڀٽو اڄ به ڳڙهي خدابخش جي قبرستان مان نه فقط ماڻهن جي دلين تي پر ملڪ تي به حڪمراني ڪري رهيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جو موت هڪ اهڙو ’عدالتي قتل‘ ۽ ملڪ جي نظام انصاف تي ڪارو داغ آهي جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڌوپجي نه سگهيو آهي. ان قتل پويان نه فقط ملڪي پر بين الاقوامي سطح تي به ڪافي قوتن جو هٿ هو. 1973ع ۾ عرب-اسرائيل جنگ ۾ عربن جو آمريڪا ۽ يورپ جو تيل بند ڪرڻ دنيا جي معيشيت کي ايترو متاثر ڪيو جو اولهه کي عربن جي تيل جي طاقت جو مڪمل اندازو ٿي ويو. ان ڪانپوءِ 1974ع ۾ لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي مسلم دنيا جو سياسي، سفارتي ۽ اقتصادي حوالي سان هڪ مضبوط بلاڪ ٺاهڻ جون ڪوششون ۽ تيل پيدا ڪندڙ دولتمند عرب ملڪن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪري انهن کي آمريڪا ۽ يورپ جي حصار مان ڪڍڻ جي حڪمت عملي، اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ياسرعرفات کي هڪ ويڙهاڪ بدران هڪ رياست جي سربراهه طور پيش ڪرڻ، اِهي ڀٽي صاحب جا اهڙا ڪم هئا جنهن عالمي استعمار جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون. اربين ڊالر جون آڇون ٺڪرائي ايٽمي پروگرام جاري رکڻ جهڙن جرئتمندانه فيصلن جي ڪري ڀٽو عالمي سازشن جو شڪار ٿيو. هونئن به جيڪڏهن پاڪستان جي سياسي تاريخ کي ڏٺو وڃي ته هن قسم جا ماڻهو گهڻو وقت برداشت نه ڪيا ويندا آهن. سنڌس ولوله انگيز شخصيت، سياست ۽ قرباني اڄ به پاڪستان ۽ مسلم دنيا جي سياسي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي.

ڀٽي صاحب پنهنجي سياسي سفر دوران نه صرف ملڪ اندر پر عالمي سطح تي به پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. ايٽمي پروگرام جي مسئلي تي هينري ڪسنجر جي واضح ڌمڪين باوجود هن آڻ نه مڃي 28 اپريل 1977ع تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سنڌس تقرير جا هي لفظ اڄ به تاريخ ۾ گونجن ٿا: ’آمريڪا اهو سفيد هاٿي آهي جيڪو نه ڪڏهن وساريندو آهي ۽ نه ڇڏيندو آهي‘ هي لفظ رڳو جذباتي اظهار نه هئا، پر عالمي سياست جي هڪ گهري سمجهه جا عڪاس هئا. اسلامي دنيا جو هڪ مضبوط اتحاد ۽ ملڪ کي ايٽمي طاقت بنائڻ ڀٽو صاحب جي اولين ترجيحن مان هئا، پوءِ اڳتي هلي ڀٽي کي هڪ چومکي ويڙهه سان منهن ڏيڻو پيو. هڪ طرف اپوزيشن ۽ اسٽيبلشمينٽ سان مقابلي ۾ هو ته ٻئي طرف عالمي قوتن سان ٽڪراءُ ۾. پر سندس شخصيت جي وڏي خاصيت اِها هئي ته هن ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو. هو مصلحت پسندي کان پري، اصولن تي قائم رهندڙ اڳواڻ هو. پوءِ اڳتي هلي دنيا ڏٺو ته نه فقط ڀٽو پر مسلم دنيا جي اتحاد لاءِ ڪوششون ڪندڙ اڳواڻ هڪ هڪ ڪري راهه تان هٽايا ويا ۽ هاڻي اسان ڏسون ٿا ته سڄو عرب آمريڪي چنبيءَ هيٺان آهي. اڄ به جيڪڏهن عرب ملڪ تيل جو واپار ڊالر ۾ ڪرڻ بدران ٻين ڪرنسين ۾ ڪن ۽ تيل جي پيداوار مان ملندڙ ڊالر آمريڪا جي بئنڪنگ سسٽم ۾ نه سيڙائن ته نه فقط دنيا ڊالر جي ظالمانه سسٽم مان آجي ٿي وڃي پر آمريڪا کي به پنهنجي وزن جي سڄي خبر پئجي وڃي. آمريڪي معيشت کي ٽيڪ ڏيندڙ ۽ ان سان اربين ڊالرز جا هٿيارن جا سودا ڪندڙ عرب اڄ سخت عدم تحفظ جو شڪار آهن. سماج ۾ سياسي شعور عام ڪرڻ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو تاريخي ڪردار رهيو آهي، هن سياست جي حسين ديويءَ کي محلاتن مان ڪڍي عوام تائين آندو ۽ سياست کي وستين، ڳوٺن ۽ شهرن جي چونڪن تي ماڻهن لاءِ بحث جو موضوع بڻايو ماڻهن پنهنجي بنيادي حقن بابت سوچڻ شروع ڪيو ۽ سوال ڪرڻ شروع ڪيا. ڀٽي جي عام ڪيل سياسي شعور جو ئي نتيجو هو جو هن جا سياسي جلسا عوامي لهر جو روپ اختيار ڪري وٺندا هئا، جتي ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پوندو هو ڀٽو وڏو ڏاهو سياستدان ۽ عوامي نفسيات مان خوب واقف هو. کيس پلي پلي پت خبر هئي ته ڪهڙي جاءِ تي ڇا ڳالهائڻو آهي ۽ ماڻهو ان کان ڪهڙي توقع رکن ٿا. هُو اهو ڪجهه ٻڌائيندو هو جو ڪجهه ماڻهو ٻڌڻ چاهيندا هئا. پر اڄ جي سياست ۾ اهو منظر نظر نٿو اچي، هاڻي وڏيرا تنديرا جلسن ۾ ايلاز منٿون ڪري ٽريڪٽرن، ٽرڪن ۽ لارين ۾ ماڻهو ڀري ڪٺي اچن ٿا. اهو فرق ڀٽو صاحب جي عوامي سياست ۽ اڄ جي سياست جي وچ ۾ هڪ واضح لڪير ڪڍي ٿو ڀٽو صاحب کانپوءِ، خاص طور ايم آر ڊي تحريڪ دوران ماڻهن ۾ سياسي جوش جذبو موجود هو پر پوءِ سياسي ڪارڪنن جي اهميت ختم ٿيڻ ۽ ڀوتارن جي اهميت وڌڻ سان سياست ۾ به ماڻار اچي وئي. محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ ڪافي تبديليون اچي ويون ۽ سياست ٻيهر رئيس ۽ ڀوتار جهڙن اثرائتن طبقن جي قبضي ۾ اچي وئي. پيپلز پارٽي کي ڪيترائي ڀيرا حڪومت جا موقعا مليا، محترمه جي شهادت کانپوءِ مڪمل وفاقي حڪومت ۽ چوٿون ڀيرو سنڌ حڪومت ۽ هاڻي به ايوانِ صدر تي ڀٽي جو راڄ آهي پر افسوس جو پ پ پ جو ’ڪپڙو، لٽو ۽ اجهو‘ جهڙو بنيادي نعرو اڃان تائين عملي صورت اختيار نه ڪري سگهيو آهي، اڄ به عام ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت جو شڪار آهن.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

هَلندي هوتَ پُنهُونءَ ڏي، کُهِجَنِ کي ڪوٺِيُون؛
پَهَڻَ تنين پَٽَ ٿِئي، جي لِءِ لالَنِ لُوٺِيُون؛
سَڀَ سَهيلِيُون سِڱَ ڪي، چُنجهون ۽ چُوٺِيُون؛
ٻانيَڻِ! ٿِيَ ٻُوٺِيُون، ته ڪُتا ڪِيَنِئِي ڪيچَ جا.

(سُر معذوري)

اڄوڪو ڏينهن - 05 اپريل

مولوي غلام احمد ملڪاڻي

مولوي غلام احمد ملڪاڻي پنهنجي دور جو جيد علم ۽ بزرگ هو سندس ولادت 5 اپريل 1860ع تي تعلقي دادوءَ جي ڳوٺ ملڪاڻيءَ ۾ ٿي قرآن شريف، عربي ۽ فارسي پنهنجي ئي تر جي مدرسن ۾ پڙهيو ڳلوڳڊ سنڌي ست درجا به پڙهيائين علم جي تڪميل ڪانپوءِ زندگيءَ جا 40 سال درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل رهيو. هن سرهند، مهڙا ۽ گولڙا سميت هندستان جي مختلف درگاهن جي زيارت لاءِ ڏورانهن علائقن جا سفر ڪيا. ڳلوڳڊ سعودي عرب ۽ عراق جو سفر ڪري زيارتون ڪيون ۽ مختلف بزرگن سان ملاقاتون ڪيون هن کي فقه جي علم ۾ خاص مهارت حاصل هئي ۽ ڪيترين ئي فتوائون لکيائين سندس فتوائن جو مجموعو ’فتويٰ ملڪاڻي‘ جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو هن جي وعظن جو مجموعو ’سبيل ارشاد‘ جي نالي سان ڇهن جلدن ۾ ڇپيل آهي هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ شاعري به ڪندو هو هن 22 سيپٽمبر 1935ع تي وفات ڪئي

احمد خان مدهوش

اڄ مشهور شاعر مرحوم احمد خان مدهوش جي جنم جو ڏينهن آهي هن ٿليواڙي شاعر 5 اپريل 1931ع تي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ سلطان خان چانڊيي ۾ حاجي خان سومري جي گهر ۾ جنم ورتو اڃا سال ڪن جو مس هو جو سندس ڪٽنب لڏي اچي جوهيءَ ۾ آباد ٿيو هن سنڌي فائنل اديب فاضل ۽ انٽر جا امتحان پاس ڪيا. عملي زندگيءَ ۾ هو اسڪول جو هڪ استاد هو هو هڪ قادر الڪلام شاعر هو ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن ۽ خاص طور تي غزل ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪيائين شاعريءَ ۾ فيض بخشاپوري سندس استاد هو. پاڻ ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو پڻ ميمبر رهيو هن جي شاعريءَ جا ٻه مجموعا ’گل جون ڳالهيون‘ ۽ ’نظر ۾ نظربند‘ ڇپجي پڌرا ٿيا هن 26 جون 2010ع تي راهه رباني ورتي جوهي شهر جو هڪ روڊ سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي

پروفيسر امينه هاليپوٽو

اڄ مشهور تعليمي ماهر پروفيسر امينه هاليپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي هن 5 اپريل 1932ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو بي اي ۽ ايم اي (عربي) جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ليڪچرار طور ڪيائين ۽ پروفيسر طور رٽائر ٿي پاڻ حيدرآباد جي مشهور زبيده ڪاليج جي پرنسپال طور به ڪم ڪيو 16 نومبر 1981ع تي وفات ڪيائين

محمد اشرف منصور دائود پوٽو

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب اشرف منصور دائودپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي ڊاڪٽر محمد پناهه مطابق سندس جنم جي تاريخ 5 اپريل 1932ع آهي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ اهائي تاريخ ڄاڻائي آهي جڏهن ته مير حاجن مير پنهنجي ڪتاب ’سوهڻ جون

ڪتابن ۾ دارو رسن (غزلن جو مجموعو)، رهنماءِ سلڪين نوادرات الڪرامات ۽ تله سحر شامل آهن ان کان علاوه سنڌس ڪيترائي ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن هن 22 نومبر 2010ع تي وفات ڪئي

تنڌلال هنڌوجا آنند

اڄ مشهور اديب تنڌلال هنڌوجا جي جنم جو ڏينهن آهي هو 5 اپريل 1938ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائين ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ پهريائين هندستان جي شهر گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ وڃي رهيو ۽ بعد ۾ الهاس نگر جا وڃي وسايائين هن بي اي، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪيائين تنڌلال جو نالو ادبي ڪيتر ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ مضمون نگار طور ڄاتل سڃاتل آهي هن ڏهن کان وڌيڪ سنڌي ڪتاب ۽ ٻه انگريزي ڪتاب لکيا. هن جي ڪتابن ۾ ’پرواز‘ (ڪهاڻيون)، ’همراز‘ (ڪهاڻيون)، ’ناز و انداز‘ (ڪهاڻيون)، ’زندگيءَ جو مرڪز‘ (ڪهاڻيون)، ’ڪا جواب‘ (سوال جواب)، خوشبوءِ (مضمون)، ’خوشبوءِ‘ (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هو ڪيترائي سال سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري رهيو هن 17 ڊسمبر 2014ع تي هن جهان مان موڪلايو

انجم آرا

انجم آرا سنڌ جي مشهور گلوڪاره هئي هوءَ 5 اپريل 1965ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي سندس والده شميم آرا به هڪ سريلي ڳائڻي هئي انجم آرا مشهور گلوڪاره امبر مهڪ جي وڏي ڀيڻ هئي هن استاد جمال خان ۽ استاد ضامن عليءَ کان راڳ جي سکيا ورتي ۽ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي ماءُ سان گڏ اسٽيج تي ڳائڻ شروع ڪيو 1984ع کان وٺي مختلف تقريبن ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائڻ شروع ڪيائين مشهور موسيقارن غلام نبي ۽ عبداللطيف کيس ريڊيو پاڪستان تي متعارف ڪرايو هن پلي بيڪ سنگر طور ڪجهه فلمي گيت پڻ ڳايا. سندس راڳ ۽ آواز کي مڃتا ڏيندي هن کي ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو جن ۾ شهباز ايوارڊ، مصري شاهه ايوارڊ ۽ ٻيا اعزاز شامل آهن تاريخ 22 اپريل 2025ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

رامچند اوڊ

اڄ مشهور شاعر رامچند اوڊ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 5 اپريل 1968ع تي ٽنڊي جام ويجهو ڳوٺ قبول ميربوٽي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سندس والد جو نالو ٻتومل اوڊ هو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊوڄام فارم مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج

مختيار اٽر

هڪ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪيائين هن 300 کان وڌيڪ غزل، گيت، وايون، بيت ۽ نظم لکيا. خاص طور تي سنڌي غزل ۽ وايون ادبي دنيا ۾ گهڻي مڃتا ماڻي چڪيون آهن تاريخ 18 فيبروري 2026ع تي اسڪول ۾ پڙهائيندي کيس دل جو دورو پيو ۽ هو اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

سليم چنا

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر سليم چنا جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هو اڄوڪي ڏينهن تي 1954ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ايم اي (سنڌي ادب) تائين تعليم حاصل ڪيائين شروع ۾ مختلف شعبن ۾ ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيائين 1984ع ۾ ڪسٽم سيلز ٽيڪس ۽ فيڊرل ايڪسائيز فورس ۾ ڪسٽم انسپيڪٽر مقرر ٿيو ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تائين پهچي رٽائر ٿيو لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي رهيس شاعريءَ ۾ مشهور شاعر نياز همايونيءَ کان اصلاح وٺندو هو هن ويهارو کن ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪهاڻيون، ناول ۽ سوانحي خاڪا وغيره شامل آهن چنا صاحب کي سندس جنم ڏينهن جي مبارڪباد هجي

گيتا خانواڻي

گيتا خانواڻي هندستان جي مشهور سنڌي ڳائڻي آهي هن جو جنم 5 اپريل 1969ع ۾ هندستان جي شهر اجمير ۾ ٿيو هن ڇهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ سر وڪيرڻ شروع ڪيا، ڪاليج تائين پهچندي پهچندي هن موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري ورتي 1987ع ۾ شادي ٿيڻ بعد هن سڄا سارا 25 سال ڳائڻ ڇڏي ڏنو ايترو ڊگهي عرصي ڪانپوءِ هن ٻيهر ڳائڻ شروع ڪيو ۽ سنڌس ڪيترائي سنڌي ۽ هندي البم رليز ٿي چڪا آهن خاص طور تي سندس سنڌي البم ’جهولڻ جي ڌمال‘، ’سهڻي سوغات‘ ۽ ’ڳچ ٿي سنڌي‘ گهڻو مشهور ٿيا آهن

حاجياڻي لنجو

اڄ ٿر جي پهرين عورت وڪيل حاجياڻي لنجو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهي آهي هن سماج سڌارڪ سڄاڻ خاتون مٺي تعلقي جي ڳوٺ علمسر ۾ 5 اپريل 1982ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو غربت جي باوجود حاجياڻيءَ همت نه هاري ۽ پنهنجي محنت سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان سماجيات ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين ان کان علاوه ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين هن ٿر ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز ۾ ڪم ڪيو انهن اين جي اوز ۾ ٿر

اپريل 1998ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ سانگي ۾ ٿيو هن جو اصل نالو ثريا ۽ والد جو نالو الاهي بخش ٻرڙي بلوچ آهي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ انٽر ۽ بي اي جا امتحان خيرپورميرس مان پاس ڪيائين لکڻ جي ابتدا ننڍي هوندي ڪيائين سنڌس شاعري پهريون ڀيرو هلار ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿي سنڌس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب ’اڻپورو اظهار‘ ۽ ’ڪلڙي توکي سارين ٿي‘ ڇپجي چڪا آهن

ارنيسٽ ٽرمپ

اڄ ايشيائي ٻولين جي ماهر ۽ لطيف جي پارکوءَ ارنيسٽ ٽرمپ جي وفات جو ڏينهن آهي هن جو جنم 13 مارچ 1828ع تي جرمنيءَ جي شهر اسفيلڊ (Ilsfeld) ۾ ٿيو هن کي دنيا جون مختلف ٻوليون سکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو هن سترهن سالن جي عمر ۾ لاطيني يوناني ۽ ٻيون ٻوليون سکي ورتيون اڳتي هلي عبراني عربي فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جو اڀياس ڪيائين 1854ع ڌاري هڪ چرچ جي پادريءَ طور بمبئي (هاڻي ممبئي) پهتو ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ڪراچي آيو پر آبهوا جي تبديليءَ سبب بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهه عرصي لاءِ فلسطين هليو ويو، جتي عربي ٻوليءَ جو اڀياس جاري رکيائين 1856ع ۾ ڪراچيءَ موٽي آيو 1866ع ۾ هن شاهه جو رسالو جرمنيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو هن ئي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي پهريون ڪتاب لکيو هن پشتو ۽ براهوي ٻولين جو به مطالعو ڪيو ۽ پشتو ٻوليءَ جو گرامر به لکيائين اڳتي هلي سکن جي مذهبي ڪتاب گرنٿ صاحب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين 1883ع ۾ ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ سامي ٻولين جو پروفيسر مقرر ٿيو هن عربي گرامر جو به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو لاڳيتي مطالعي سبب عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي اکين جو نور وڃائي ويٺو ۽ آخرڪار 5 اپريل 1885ع تي سنڌس اکيون هميشه لاءِ بند ٿي ويون

مير علي احمد ٽالپر

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان مير علي احمد ٽالپر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 31 آگسٽ 1915ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ ٿيو ننڍي هوندي کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين طرف لاڙو رهيس 1936ع ۾ جميعت علماءِ سنڌ ۾ شامل ٿي سياست جي شروعات ڪيائين 1937ع ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو 1939ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هيءُ سنڌ جي انهن سياستدانن مان هڪ هو جن ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ مختلف کاتن جو وزير رهيو هو جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ مجلس شوريٰ جو حصو رهيو هن 5 اپريل 1987ع تي وفات ڪئي

مختيار شيدي

اڄ مشهور راڳيءَ ۽ نوحه خوان مختيار شيديءَ جي وفات جو ڏينهن آهي کيس ’مختيار قمبراڻي‘ جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو هو 11 اپريل 1968ع تي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشادعلي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر13 سال 2026

مسمات مسڪان ڌيءُ عجيب شيخ رهندڙ زئنور ڪالوني شاليمار اسٽاپ سڪرنڊ .. پلينٽف ..بخلاف غمشاد عرف غمشو ولد محبوب شيخ رهندڙ شوڪت ڪالوني قاضي احمد سٽي گورنمينٽ اسپتال قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
سول ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 10 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر319 سال 2020

غلام قادر ولد بکو زرداري .. پلينٽف ..بخلاف (1) سيڪريٽري هومز سنڌ ڪراچي (2) مسمات حسينا بيواهه محمد اسماعيل زرداري (3) ممتاز علي ولد محمد اسماعيل زرداري ٻئي رهندڙ ڳوٺ چنيسر ديهه 35 داد تعلقو نوابشاهه (4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (5) سب رجسٽرار نوابشاهه ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 10 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي تاج الدين ولد خير الدين درخواست ڏني آهي ته سندس پٽ شاهد پرويز ولد تاج الدين تاريخ 27-04-2021 فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر C.S 1021 مان حصي موجب ايراضي 1/2 723 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارد ٿي ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) تاج الدين (2) مسمات بلقيس بيگم (زال) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته اشاعت شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شهزاد نبي ولد غلام نبي قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي غلام نبي ولد قادر خان تاريخ 25-08-2010 فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر C.S 613 مان حصي موجب ايراضي 2250 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارد ٿي ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان

وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي وسيم الدين صديقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امتياز احمد شيخ 47 هين ورسي جي حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ چيو ته هو عوام جي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سندس 47 هين ورسي تي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪري ٿو هن چيو ته شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو هڪ وقت جو اڳواڻ هو هو هڪ نظريي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جي علامت هو هن ملڪ کي هڪ متحد آئين ڏنو ماڻهن ۾ سياسي شعور جاڳايو ۽ حڪمراني ۽ خودمختياري جي جمهوري حق جي احساس کي اجاگر ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شهيد ڀٽو انتهائي ڏکين حالتن جي باوجود ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جي بنياد رکي، جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو سندس نقش قدم تي هلندي ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي تحفي ۾ ڏني امتياز احمد شيخ موجب، مسلمانن کي متحد ڪرڻ لاءِ اسلامي سربراهي ڪانفرنس جو انعقاد ڀٽو شهيد ڀٽو جي هڪ وڏي ڪاميابي هئي، جنهن عالمي سطح تي پاڪستان جو وقار بلند ڪيو هن چيو ته صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ جمهوريت اڄا تائين مضبوط ٿي رهي آهي ۽ ملڪ ترقي جي رستي تي آهي، جڏهن ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوامي اڳواڻ جي روپ ۾ اڳتي وڌائيندي قوم جي اميد بڻجي چڪو آهي

بقايا	7	احتجاجي مظاهرو

مظاهرين پاران وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري عوام کي پريشانين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي ۽ مهانگائي ۾ اضافو آڻي ڇڏيو آهي جنهن سبب عام ماڻهو جي زندگي سخت متاثر ٿي چڪي آهي هنن چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ سان ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا، خوراڪ سميت روزمره جي شين جا اگهه وڌي ويا آهن هنن چيو ته هي رات جي اونداهي عوام مٿان پيٽرول ڊيزل جو بم اڇلائي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي آڻي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا	8	احتجاجي ريلي

۾ هزارين شهرين شرڪت ڪئي ريلي ٽنڊو ڳوٺ مين باءِ پاس کان شروع ٿي جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي تاريائي چونڪ تي پهتي، جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ان موقعي تي اڳواڻن وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي مهنگائيءَ جي ماريو عوام هاڻي خاموش نه ويهندو" مظاهرين مطالبو ڪيو ته پيٽرول جا اگهه فوري طور گهٽ ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا	9	مظاهرو

ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن بعد ۾ ڪنڊيارو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي جهنڊوسري تعلقي جي ديهه نمرو ۾ 9 ايڪڙ 34 گهنٽا زرعي زمين آهي جيڪا اسان جي گڏيل ملڪيت آهي مذڪوره زمين تي بااثرن زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي اسان

AITCHISON COLLEGE, LAHORE

100% Scholarship / Financial Assistance for Grade 6

Full-time Boarding House Seats

Applications are invited for admissions in Grade 6 in the Boarding House for the session commencing August, 2026 for those who require financial assistance.

Entrance Examination will be held in Quetta / Hyderabad / Peshawar / Muzaffarabad / Gilgit in the month of May, 2026. The Last date for Registration is **30-04-2026.**

Applicants have to be residents and previously schooled in their respective provinces and their **date of birth must fall between June 1, 2015 – May 31, 2016 inclusive.**

Please contact the Admission Office for 'Application Form' and other necessary information on phone numbers: 92 (42) 3636063-66 Ext. 216-217 Email: admission@aitchison.edu.pk

'Application Form' can also be downloaded from College website: www.aitchison.edu.pk

Admission would be strictly on merit and on verification of financial need.

PRINCIPAL

ماتلي تيل قيمتن ۾ واڌ خلاف سياسي سماجي ڌرين جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

سياسي، سماجي، قومپرست ڌرين، شهرين بدين-حيدرآباد باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هڻي ٽريفڪ معطل

تيل قيمتن ۾ ڏيڍ سئو رپيا اضافو ڪري عوامي احتجاج کي ماٺ ڪرڻ لاءِ 80 رپيا گهٽ ڪري بي وقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:مظاهرين

تيل جي قيمتن ۾ وڌي گهٽتائي نه ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌ احتجاج جاري رهندو، جڏهن ته پوليس مظاهرين سان ڳالهيون ڌرڻو ختم ڪرايو

ماتلي (ن ع) وفاقي سرڪار طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ غير معمولي واڌ خلاف ماتلي جي سياسي سماجي قومپرست ڌرين جي ڪارڪنن ۽ عام شهرين پاران بدين حيدرآباد باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڏي انگ ۾ مسافر ۽ مال بردار گاڏيون جمع ٿي ويون ۽ مختلف ضلعن حيدرآباد، ميرپور خاص، مٽلي، ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جسقم، جي يو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ورسي تقاريب ۾ دعا گهري وئي رهي

شهدادڪوٽ جي اڳواڻ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف جيڪب آباد ۾ پ پ ٿ پ جو احتجاج

منير بروهي ڪوڙن ڪيسن ۽ گهر تي پوليس چڙهائي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا اڳواڻ

پوليس جوا، شراب، فحاشي جا اڏا بند ڪرائڻ بدران سياسي اڳواڻن خلاف رڌ پارڻ ڏنو آهي

جيڪب آباد (ن ر) پي پي پي شهيد ڀٽو شهدادڪوٽ جي اڳواڻ منير بروهي مٿان مبينه ڪوڙا ڪيس داخل ڪري سنڌس گهر تي پوليس چڙهائي واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان بدامني چوٽ چڙهيل، نوجوان کان موٽرسائيڪل ڦر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان بدامني جي باهه ڀڙڪي اٿي ڌوهاري سرگرميون شروع پوليس ڪک ڀڃي ويٺو نه ڪيو اڻ سلسلي ۾ ڪڪڙ ويجهو ميان نصير محمد لنڪ روڊ تي عنايت شاهه سوري بجاءِ بند وٽ نامعلوم هٿيارٻند ڦورن ڪڪڙ جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

چوهڙ جمالي ويجهو پوليس ڪارروائي، هڪ ڪروڙ جي منشيات هٿ، ۾ جوابدار گرفتار

شاهبندر کان سڄاول منتقل ٿيندڙ سوزوڪي جي روڪي تلاشي دوران منشيات هٿ ڪئي وئي

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي ويجهو جونگو جلباڻي ٿاڻي جي انچارج سب انسپيڪٽر عبدالمجيد آرائين جي اڳواڻي ۾ پوليس جي اهم ڪارروائي، سمنڊ کان ڀڄل منشيات اسمگل جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي، ماليت هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻڌائي وڃي پئي، ايس ايس پي سڄاول
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف ايس يو پي جو احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز(ڊ ر) حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ڪرڻ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي اعلانيل سڏ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي نوشهرو فيروز پاران حبيب چونڪ کان ٺاروشاهه اسٽاپ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي اڳواڻي مهر علي وسطڙو، خادم سيال، سليم احمد، آصف علي عمراڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، شهرين کان ڦر

هٿيارٻند محمد حما کان موٽرسائيڪل، ۽ موبائل، روڪ رقم ڦر ڪري فرار

داڙٽر کان هزارين رپيا ڦر اطلاع تي پوليس پهچي تفصيل معلوم ڪيا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڦاڙو ٿيو آئي موٽر سائيڪل تي سوار ڪن نامعلوم هٿيارٻندن پراڻي تبليغي مرڪز لڳ ميمڻ چيئر ڪيبل پولي ڪلينڪ ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي محمد حماد ميمڻ کي يرغمال بڻائي ڪائنس 4 لک روپين جي ماليت جا 2 عدد موبائل فون، هزارين روپيه روڪ ۽ 125 موٽر سائيڪل ۽ ڪلينڪ تي ريٽل دائود چانهيون کان پڻ هزارين روپيه ڦر
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٿٽون گوٺ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف شهري اتحاد جي احتجاجي ريلي

ٿٽون گوٺ (ن ع) ٿٽون گوٺ وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ مهانگائي خلاف ٿٽون گوٺ جي سياسي، سماجي، سول سوسائٽي ۽ شهري اتحاد پاران هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو محراب لاکير مولابخش عباسي صدام ناريائي، فقيرمحمد ٿيبو ٻين لاکير ۽ ٻين جي اڳواڻن جي قيادت ۾ نڪرندڙ هن ريلي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شهيد ذوالفقار ڀٽو ملڪ کي متحد آئين ڏئي ماڻهن ۾ سياسي شعور جاڳايو:امتياز شيخ

شهيد ڀٽو انتهائي ڏکين حالتن جي باوجود ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جي بنياد رکي

شهيد راڻي سنڌس نقش قدم تي هلندي ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي تحفي ۾ ڏني

شڪارپور (ڊبر) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ايم پي اي امتياز احمد شيخ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي اطلاعات سيڪريٽري فراز امتياز شيخ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي 47 هين ورسي شڪارپور هائوس ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ان موقعي تي شڪارپور هائوس ۾ قرآن خواني ۽ خيرات جو انتظام ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي شڪارپور جي جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي ڪائونسل چيئرمين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪراچي واسي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ڪراچي جي علائقي لالو کيت جي رهواسين عبدالستار گدي پڻ پنهنجي ڀيڻ سعيده باني پاڇائي شبانا گدي پڻ ۽ ٻين سان گڏ زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف ٽنڊوالهيار پريس
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: مختلف تنظيمن پاران پيٽرو جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو باگو ۾ جسقم جي سڏ تي پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي ڌرڻو، شٽربند هڙتال

جسقم ڪارڪن ۽ شهرين ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪئي

واپاري يڪجهتي طور پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو، روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب ٽريفڪ معطل

ٽنڊوباگو(ڊ ر) ٽنڊوباگو ۾ جسقم جي سڏ تي شهر ۾ شٽر بند هڙتال باگو چوڪ تي ٽائر ساڙي ڌرڻو روڊ بلاڪ خبر موجب ٽنڊوباگو شهر ۾ پيٽروليم وارين شين جي اگهن ۾ وفاقي حڪومت طرفان ٿيل وڏي واڌ خلاف ٽنڊوباگو شهر ۾ جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي سڏ تي مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جون سموريون ڪاروباري سرگرميون معطل ٿي ويون جسقم ٽنڊوباگو جي ڪارڪنن ۽ شهرين وقار ميمڻ سليمان
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ امام جعفر صادقؑ جي شهادت تي مجلس عزا منعقد

نوابشاهه(س ر) شيعه علماء ڪونسل پاڪستان نوابشاهه پاران حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جي شهادت جي حوالي سان مجلس عزا امام بارگاهه يادگار ڪربلا ۾ منعقد ڪئي وئي مجلس کي پروفيسر مولانا عنايت حسين شاهه زوار محمد حسين چانڊيو مولانا مشتاق حسين سري ۽ زوار آصف حسين الحسيني خطاب ڪندي چيو ته حضرت امام جعفر صادق
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پ پ شهيد ڀٽو پاران منير ٻڍي خلاف ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مهانگائي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف ايس ٽي پي جو احتجاج، روڊ بلاڪ

ڪارڪنن بهار اسٽاپ کان ريلي ڪڍي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو فلائي اوور تي ڌرڻو هڻي ٽائر ساڙي روڊ مڪمل بند ڪري ڇڏيو

ڄامشورو، ڪراچي، حيدرآباد ٽنڊو ۽ ڪوٽڙي طرف ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيون ٽرئفڪ جو نظام سخت متاثر ٿيو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مهانگائي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن يونس اوٺو ارشاد ڀٽو، خالد ميراڻي، علي شير هنگورو، امجد حسين مستوئي، سڪندر بليدي، ۽ رمضان خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ بهار اسٽاپ کان ريلي ڪڍي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو فلائي اوور تي ڌرڻو هڻي ٽائر ساڙي روڊ مڪمل بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: عوامي تحريڪ پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏالهي پريس جو جنرل سيڪريٽري صحافي غلام مرتضيٰ آرائين جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

ڏالهي (ن ع) ڏالهي پريس ڪلب جي اڳواڻن صدر هالوڪو جنرل سيڪريٽري صحافي غلام مرتضيٰ آرائين جو والد صاحب اختر علي آرائين 82 سال جي عمر ۾ ڪجهه مهينا بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز عيد گاهه ڏالهي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ شهرين صحافين سياسي سماجي اڳواڻن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد اباڻي قبرستان شرف الدين اولياءَ ۾ مڙهه مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته صحافي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ايس يو پي جو تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاج

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي حڪمرانن جي ناڪام پاليسين جو نتيجو آهي:مظاهرين

پيٽرول قيمت ۾ واڌ ڪري عوام سان زيادتي ڪئي آهي، سڌو اثر عوام تي پئجي رهيو آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع سکر جي سڏ تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف گهڻي ۾ سائين ٻڌي گهنٽا گهر چوڪ تي انوکو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ حڪومتي پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع سکر جي اڳواڻ عبدن جاگيراڻي، ماجد ڏنور، مولانا عبيد الله ڀٽو ابن آزاد، مولانا عبدالحق مهر ۽ ٻين ڪري رهيا هئا، جڏهن ته ڪارڪنن گهڻي ۾ سائين ٻڌي مهانگائي خلاف هنيا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پيٽرول قيمت ۾ اضافي خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

حڪومت پيٽروليم قيمتون وڌائي عوام تي مهانگائي جو ايٽم بم ڪيرايو آهي

ناقص حڪومتي پاليسين سبب ملڪ ۾ افراتفري واري صورتحال آهي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) پيٽروليم مصنوعات سميت وڌندڙ مهانگائي بيروزگاري ۽ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ وڌي واڌ خلاف شهرين جي وڏي انگ جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ موجوده حڪومت جي غير ذميواراڻي ۽ عوام دشمن پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مظاهري جي اڳواڻي جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس ٽي پي پاران منظور پليپوٽو جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ عوامي تحريڪ جي سڏ تي تيل اگهن ۾ اضافي خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (ڊ ر) عوامي تحريڪ جي سڏ تي سوين شهرين تيل جي وڌايل اگهن ۽ هڙوادو مهانگائيءَ خلاف حسيني چوڪ تي ڌرڻو هڻي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي صدر مهراڻ درس مرتضيٰ شاهه جي ايم جمالي ٽڪاٽو خاصخيلي سريش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي شهيد فاضل راهو چوڪ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو ويو جتي اڳواڻن چيو ته پاڪستان جا حڪمران چور ۽ ڌاڙيل بنجي پنهنجي عوام کي تيل ۽ ٻين شين مهانگيون ڪري ڦري رهيا آهن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ذوالفقار ڀٽو جي فيصلن سبب پاڪستان ايٽمي قوت جي سفر تي گامزن ٿيو:ارسلان اسلام شيخ

شهيد ڀٽو جا نظريا اڄ به ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ زنده آهن، محنت ڪش طبقي کي حق ڏياريا

جاگيرداري سوچ خلاف مضبوط نظرياتي محاذ قائم ڪيس جنهن جا اثرات اڄ به سياست ۾ نظر اچن ٿا

سکر(بيورو رپورٽ) بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ترجمان حڪومت سنڌ ۽ ميئر سکر اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته قوم اڄ هڪ عظيم رهبر مدبر سياستدان ۽ تاريخ ساز شخصيت کي ڀيٽا پيش ڪري رهي آهي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

دڙو ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جو گاڏيون بيهاري پيٽرول اگهن خلاف احتجاجي ڌرڻو

پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ سبب سندن روزگار سخت متاثر ٿيو آهي: مظاهرين

ڪير به گاڏي ڪرائي تي ڪڻڻ لاءِ تيار ناهي، فاقاڪشي ڪاٽڻ تي مجبور آهيون

دڙو (ن ع) دڙو ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جو وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف دڙو ميرپوربٺورو روڊ تي گاڏيون بيهاري احتجاجي مظاهرو ڌرڻو حڪومتي پاليسين سبب پيٽرول جي وڌايل اگهن خلاف سخت نعريبازي، تفصيل موجب دڙو جي سوزوڪي اسٽاپ تي احتجاج
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ واسي نوجوان ثناءَ الله منگريو جو قتل وارثن جي پريس ڪانفرنس، حيدرآباد پوليس تي قاتل کي بچائڻ جو الزام

عمرڪوٽ ۾ مقتول ثناءَ الله منگريو جي قاتلن خلاف وارثن جو احتجاج

قتل ۾ ملوث مُک جوابدار مسعود گوپانگ اڃان تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي:مظاهرين

حيدرآباد جي پوليس ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ ۽ جوابدار بچائڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ جي ڳوٺ جارڪوٽي سان واسطو رکندڙ 22 ورهين جي پورهيت نوجوان ثناءَ الله منگريو جي مبينا قتل واري واقعي خلاف وارثن سخت احتجاج ڪندي پريس ڪانفرنس ۾ حيدرآباد پوليس تي سنگين الزام هنيا آهن ته پوليس مُک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بدران ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. وارثن علي نواز منگريو عبدالخالق منگريو مقصود منگريو فقير محب منگريو شهزاد منگريو راشد منگريو ۽ ٻين ٻڌايو ته پنج ڏينهن اڳ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: شهيد ڀٽو جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ
عام اطلاع
هر عام ۽ خاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته آئل گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ليٽر مطابق اپريل 2026 کان صارفين لاءِ LPG جي گيس جون قيمتون هي ٿي سگهن ٿيون. لوڪل/ امپورٽ گيس صارفين جي لاءِ 11.8KG سلينڊر جي قيمت 3588.59 روپيا مٿي ڄاڻايل قيمتون حيدرآباد، نوابشاهه، مٺي، مورو، بدگهڙي، ڪنري، سکر، جيڪب آباد، ٻيرا مراد جمالي، (بلوچستان)، سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ ڊسٽريبيوٽرس کي پابند ڪري ٿي ته مٿي ڄاڻايل قيمتن تي LPG مهيا نه ٿي ته هيٺ ڄاڻايل فون نمبرن تي اطلاع ڪن. مٿي ڄاڻايل قيمتون مارڪيٽ جي لاهن چاڙهن ۽ اوگرا قانون جي مناسبت سان تبديل ٿي سگهن ٿيون.
مارڪيٽ سيلز ڊپارٽمينٽ: 03125903419، 03233762122

پان شاخ جو ڏڪو ٽٽڻ باوجود ٺهي نه سگهيو، آبادگارن جو احتجاج

آبپاشي ايس ڊي او خلاف 10 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي ناهي ٿي:مظاهرين

آبپاشي انجنيئر جي حڪم ڏيڻ باوجود به شاخ تي ٻيهر ڏڪو لڳي نه سگهيو آهي

نفيس نگران ع) ٿٽون ڪوٽ سب ڊويزن جي پان شاخ جي مٿو ريگيوليٽر وٽان 2 فٽن جو لڳل ڏڪو ۽ شاخ جو بيڊ ٽوڙائي وڏي رشوت عيوض پاڻي وڪرو ڪندڙ آبپاشي ايس ڊي او خلاف 10 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي ۽ نه وري ٽٽل ڏڪو ٺهي سگهيو آهي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو ۾ شهرين جو تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاج

تيل جون قيمتون وڌائڻ سان مهانگائي عروج تي پهچي ويندي:مظاهرين

حڪمران عوام کي 50 سال پوئتي واري دور ۾ وٺي وڃي رهيا آهن

ٽنڊوباگو(ٽ ر) ملڪ ۾ تيل جي قيمتن وڌي واڌ ڪرڻ خلاف ٽنڊوباگو ۾ شهرين پاران ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪائين کي باهيون خبر موجب ٽنڊوباگو ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڪاٽي ٽوڙ واڌ خلاف ٽنڊوباگو شهر ۾ شهرين پاران امين سنڌي، غلام حيدر بڪاري ۽ غلام مصطفا هاليپوٽو جي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو پنج مهينا اڳ مبينا آپگهات ڪندڙ نوجوان جي قبر ڪشائي

عدالت جي حڪم تي ميڊيڪل ٽيم پهچي پرشوتم ميگهواڙ جا جزا ورتا ويا

ٽنڊوباگو(ٽ ر) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر ست ٿٽون آباد ۾ پنج مهينا اڳ مبينا آپگهات ڄاڻائي فوت ٿيل نوجوان پرشوتم ميگهواڙ جي وڏي ڀاءُ امر لال ميگهواڙ پاران سندس آپگهات ڪندڙ ٿيڻ ڀاءُ پرشوتم ميگهواڙ بابت موقف ڏنو هو ته ڪيس شڪ آهي ته سندس چاچن ڪيس قتل
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

دادو: پ پ ايم پي اي پير مجيب ۽ ٻيا شهيد ڀٽي جي ورسي تقريب ۾ دعا گهري رهيا آهن

خانپورمهر ۾ ايل پي جي گئس جو هڙادو اگهه وڌائڻ خلاف شهرين جو احتجاج

سرڪاري ريٽ 304 رپيا آهي پر مافيا 480 کان 530 رپين ۾ وڪرو ڪري ٿي:مظاهرين

ايل پي جي جي ناجائز اگهن سبب عام ماڻهن جي زندگي وڌيڪ مشڪل بڻجي وئي آهي

خانپور مهر(ن ع) حڪومت طرفان ايل پي جي (LPG) جو سرڪاري ريٽ 304 رپيا في ڪلو مقرر ڪرڻ باوجود مختلف علائقن ۾ ايل پي جي وڪرو ڪندڙ دوڪاندار 480 کان 530 رپيا في ڪلو تائين اگهه وصول ڪري رهيا آهن شهرين الزام هنيو آهي ته ايل پي جي مافيا سرڪاري ريٽ کي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي مسيح ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

ايسٽر عيد تي ايڊوانس پگهار نه ملڻ خلاف پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو

اسان جي ٻچن کان عيد جون خوشيون کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:ملازم

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي مسيح ملازمن ايسٽر عيد جي موقعي تي ايڊوانس پگهار نه ملڻ خلاف
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: پيٽرو جي قيمتن ۾ واڌ خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور ۾ پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف ايس يو پي جو احتجاج

حڪمرانن عوام کي مهانگائي جي چڪي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي:مظاهرين

پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ڪري به ويلا ماڻي گهڻي لاءِ عوام پريشان آهن

محرابپور (ٽ ر) وفاقي حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ ڪاٽي ٽوڙ اضافي خلاف محرابپور ۾ ايس يو پي پاران قمر شيخ سرفراز شاهه ياسر شهباز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ لوڌي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد طرفان احتجاجي مظاهرو

منظور پليپوٽو جي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتاري ظاهر نٿي ڪئي وڃي:بجان محمد

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد طرفان ايس ٽي پي ڪارڪن منظور پليپوٽو جي بناجواز
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مسيحي برادري پاران آئيني عدالت جي فيصلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي ۾ مختلف پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري جو درجو ملڻ باوجود سهولتون نه مليون

اڪثر اسڪولن ۾ ڪمرن ۽ فرنيچر جي کوٽ جي ڪري شاگرد پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور

جوڊيواري، پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت نه هئڻ ڪري شاگرد پريشان، استادن جي پڻ کوٽ

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي جي پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري جو درجو ته ڏنو ويو پر تعليمي سهولتون نه ڏنيون ويون ٻار پٽ تي ويهي ڪليل آسمان هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور.تفصيل موجب تعليم ڪاتي پاران ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ مختلف پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل مان ٺهندڙ ڪير جي وڪري خلاف شهرين جو احتجاج

ڪير کي ڳوٺن مان ڊرمن ۾ وجهي موٽرسائيڪلن ۽ گاڏين شهر آندو وڃي ٿو:مظاهرين

زهر جو ڪاروبار ڪرڻ وارن کان ڪير به پڇا ڪرڻ وارو ناهي ۽ نه وري ڪارروائي ڪرڻ وارو آهي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل مان ٺهندڙ ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جو وڪرو وڏي پيمانئي تي هلي رهيو شهرين احتجاج ڪندي نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو خبر موجب ڪڪڙ شهر ۾ گذريل ڪيترن سالن کان وٺي سرعام ڪيميڪل مان ٺندڙ ڪير هلي رهيو آهي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ملي ۾ ارباب گروپ جو تيل جي قيمتن خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

وڌايل تيل جي هڙادو اگهن کي گهٽائي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي:مظاهرين

تيل جي وڌايل اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

ملي (ڊ-ر) ارباب گروپ جي اڳواڻ ارباب احسان جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي خلاف بلال پارڪ کان ڪشمير چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بدين: پ پ اڳواڻ شهيد ڀٽو جي ورسي تقريب ۾ شريڪ آهن

حيدرآباد ڪاشف باغي جا قاتل 24 ڏينهن گذرڻ بعد به آزاد آهن: اڪبر جهيجو

پوليس ڪيس ۾ نامزد جوابدارن وليد، افاق بلڊر ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ناهي ڪيو

قاسم آباد پوليس ۽ نيڪ محمد ڪرسو جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ٽيم به ڪو ڪردار نه ادا ڪيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ ڪاشف باغي جا قاتل 24 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا، جنهن خلاف ٽيم جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پاران اڪبر جهيجو آصف قائم خاني امتياز ميراڻي ۽ ٻين تعزيتي اجلاس ڪوٺائي سومر تائين جوابدار گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڄي سنڌ ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

حيدرآباد، بدين، سکر، نوشهروفيروز، ٽنڊوآدم، دادو، ڏڙو، گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو، ٽنڊوالهيار، خيرپور، سڪرنڊ، سڄاول، ٽنڊو محمد خان، نوابشاهه ۾ ورسي تقريبون

تقريبن ۾ پارٽي اڳواڻن، عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري شهيد اڳواڻ کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي

شهيد ذوالفقار ڀٽو عظيم اڳواڻ ۽ عوامي سياستدان هو جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ عوام کي پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ جو حوصلو ڏنو:اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندن وٽان) شهيدذوالفقارعلي ڀٽو جي 47هين ورسي حيدرآباد ۾ ملهائي وئي قرآن خواني ڪري دعا گهري وئي ورسي جي تقريب ۾پ پ اڳواڻ صغير قريشي ايوب راجپوت سيد سڄاد شاهه سميت پ پ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پ پ اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا شهيد ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻايو۽جمهوريت کي مضبوط ڪيو ڪيس تاريخ ۾ هروقت سونهري لفظن سان
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: پي ٽي آءِ پاران پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوڄام ۾ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج

ٽنڊوڄام (ٽ ر) بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن پاران گذريل پنجن مهينن کان پينشن نه ملڻ خلاف ٽنڊوڄام ۾ انوکو احتجاج، پينشن جو علامتي جنازو پريس ڪلب پهتا مسيحي پينشنر ايسٽر جي خوشين کان به محروم. خبر موجب بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن پينشن جي
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل اگهن ۾ واڌ خلاف مختلف ڌرين جو احتجاج

وڪيلن، واپارين ۽ ساچاهه وند رودن تي نڪري ڪئمپ قائم ڪري نعريبازي ڪئي

تحريڪ جو آغاز ٿي چڪو آهي، اڄ شاندار مشعل بردار ريلي ڪڍي ويندي: وڪيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ملڪ ۾ وڌندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ بي انتها واڌ ۽ مهانگائي خلاف حيدرآباد جا وڪيل ساچاهه وند، واپاري رودن تي نڪري آيا ،وڪيلن پاران حيدر چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي اڄ شاندار مشعل بردار ريلي ڪڍڻ جو اعلان رپورٽ موجب
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين پرسان زميني تڪرار تان جهيڙو چار ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين پرسان ڳوٺ ٻوڦو ڪڪراڻي ۾ عقيل احمد ميمڻ جي زمين تي جهيڙو زخمي ٿيل ڪڙمين بدي ٿاڻي پهچي پوليس کي اطلاع ڏنو ته خروس برادري جي ماڻهن اسان تي حملو ڪري ڪڪراڻي برادري جا چار ماڻهو در محمد، عجب ڪڪراڻي احسان ۽ موسن ڪڪراڻي کي شديد زخمي ڪري ڇڏيو آهي، بدو ٿاڻي تي اطلاع بعد زخمين کي سول اسپتال شڪارپور منتقل ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ٽنڊو محمد خان ۾ اياز پاڻولي جي ياد ۾ ادبي ويهڪ، ڀرپور ڀيٽا پيش

اياز پاڻولي پاراٽي ادب جو اهم نانءُ، خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن:مقرر

ويهڪ ۾ مضمون، نظم ۽ گيت پيش، تخليقن تي تنقيدي رايا پڻ ڏنا ويا

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران پاراٽي ادب جي سرجڻهار نامياري اديب اياز پاڻولي جي ياد
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ لطيف پبلڪ پارڪ جي ديوار ڊاهي غيرقانوني دڪان ٺاهڻ جو

ميونسپل ڪميٽي پرائيويٽ مزدورن ذريعي پارڪ ديوار ۽ لوهي گرل ڊاهڻ جو

پبلڪ پارڪ جي ديوار ۽ لوهي گرل جي ڊاهڻ ۽ دڪان ٺاهڻ جي مون کي خبر ناهي:فرزانه ميمڻ

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ميونسپل ڪميٽي پاران ڪارنامو ڏيندي سوڪل واري ڏينهن تي پرائيويٽ مزدورن ذريعي شهر جي
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

نصرپور ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد

حڪومت پيٽرول اگهه وڌائي آبادگارن سان گڏ سڄي قوم کي تباهي

نصرپور (ن ع) نصرپور ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي هارين آبادگارن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ خير برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو عورتن ۽ ٻارن سميت 10 ڄڻا زخمي

ڪيرو (ٽ ر) ڪيرو لڳ ڳوٺ يونين اسٽاپ تي خير برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مال جي ڀيل تان جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ لٺيون ۽ سروٽا لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا عورتن ۽ ٻارن سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن ۾ 6 ورهين جو خدا بخش ڏهن ورهين جو واحد بخش منور علي مسمات ماروي مسمات شهزادي مسمات ياسمين مسمات امام زادي رينواز حق نواز ۽ شاهنواز شامل آهن زخمين کي ڪيرو جي تعلقي اسپتال آندو ويو آهي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

غلام الله پوليس ڪارروائي، گهٽڪو هٽ، چار جوابدار گرفتار

غلام الله (ن ع) غلام الله پوليس جي انچارج غلام حيدر جانوري پوليس اهلڪارن سان صبح سوير ڪارروائي ڪندي عبدالرحمان ميمڻ جي پانڊي تي ڇاپو هڻي عبدالرحمان ميمڻ سميت چار منشيات فروشن عبدالحميد ميمڻ حنيف عرف ڪارو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٿٽون ڳوٺ: شهري اسرائيل ۽ امريڪا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ مختلف تنظيمن جو تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي، مجلس وحدت المسلمين، پي ٽي آءِ، انجمن تاجران ۽ ٻين تنظيمن نعريبازي ڪئي

حڪومت پاڪستان تيل جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ڪري عوام لاءِ آزار پيدا ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

ڀهريان ٿي اينٽري مهانگائي هٿي جو غريب به ويلا ڪاٽڻ لاءِ پريشان هو ويتر تيل قيمتن ۾ واڌ سان مهانگائي آسمان تي پهچي ويندي

جيڪب آباد (ڊ ر) تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪرڻ واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، مجلس وحدت المسلمين، پاڪستان تحريڪ انصاف، انجمن تاجران، مهراڻ سوشل فورم ۽ ٻين تنظيمن پاران شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا ان موقعي تي اڳواڻن علامه مقصود علي ڊومڪي، مقبول احمد لاشاري، مير احمد علي بروهي، عبدالحئي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پنگريو پوسي خليفه قاسم جو اڳوڻو چيئرمين جاويد علي جوڻيجو لاڏاڻو ڪري ويو

پنگريو (ن ع) پنگريو پرسان يوسي خليفه قاسم جو اڳوڻو چيئرمين جاويد علي جوڻيجو حيدرآباد جي هڪ نجي اسپتال ۾ زندگي جي جنگ هارائي ويو جنهن لاءِ سندس ڀاءُ محبوب جوڻيجو جسقم صدر يونٽ پنگريو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 12.3.2024 تي سندس ڀاءُ جاويد جوڻيجو تي قاتلاڻو حملو ٿيو هو جنهن ۾ سندس ڀاءُ جاويد جوڻيجو تي مخالفن ريپيٽر سان فائرنگ ڪئي جنهن مان ڪجهه ڇيرا جسم مان پار ٿي ويا هئا ۽ ڪجهه ڇيرا جسم ۾ رهجي ويا هئا انهي واقع جو
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاج

ايس ٽي پي، ايس يو پي، سنڌ هاري ڪميٽي، ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين نعريبازي ڪئي

وڌائل تيل اگهن ۾ اضافو ڪري عوام مٿان مهانگائي جو هڪ وڌيڪ بم ڪيرايو آهي:مظاهرين

نوابشاهه(س ر) وفاقي حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف نوابشاهه ۾ سخت رد عمل ڏسڻ ۾ آيو جتي نوابشاهه پريس ڪلب آڏو مختلف سياسي ۽ عوامي تنظيمن پاران الڳ الڳ احتجاجي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ نوجوان گهرو اڻبڻت تان زهريلي دوا کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، گهر ۾ ڪهرام

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور جي وارڊ نمبر ٻارهن واري علائقي ۾ 20 ورهين جو نوجوان محسن ميمڻ پٽ مرحوم عطا حسين ميمڻ زهريلي گوريون کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو جڏهن ته نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جو ڪارڻ گهرو اڻبڻت ٻڌايو پيو وڃيجڏهن ته واقعي سبب علائقي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ بالڪ ليکڪ فياض علي رند جي ناولن تي اپياسي ويهڪ

پريس ڪلب ۾ منعقد ۾ اديبن ساڃاهه وندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

13 ورهين جي ڄمار ۾ ٻارڙاندين ڪتاب آهن ۽ فياض ثابت ڪيو سنڌ ذاهب جي ذرخي آهي:مقرر

نواب شاهه(س ر) جرنلسٽ اينڊ رائيٽرز فورم سنڌ پاران نواب شاهه سان تعلق رکندڙ بالڪ ليکڪ فياض علي رند جي ٻن انگريزي ٻولي ۾ لکيل ناولن بابت تعارفي ۽ اپياسي ويهڪ نواب شاهه پريس ڪلب ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ اديبن ساڃاهه وندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي خطاب ڪندي نامور ناول
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بدين: شهرين پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ۾ قومي عوامي تحريڪ جي تيل اگهن ۽ مهانگائي خلاف ريلي

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو سڌي طرح هر شيءِ تي اثر ڪري ٿو:مظاهرين

مهانگائي تي ضابطو نه آندو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

شڪارپور(ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران پيٽرول ڊيزل ۽ ڪاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي هزار در چوڪ کان لکي در گهنٽه گهر تائين ڀهچي جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي ويهي رهيا سخت نعريبازي، حڪومت عوام جو معاشي طور تي قتلام ڪري رهي آهي پيٽرول ۽ ڊيزل
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پراڻو سکر واسي جو پنهنجي پاڻن جي مبينا ظلمن خلاف احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻو سکر قريشي ڳوٺ شر چوڪ جي رهواسي لياقت علي چوهاڻ پنهنجي گهر ڀاتين سميت سکر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: رٽائرڊ ملازم علامتي لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

محرابپور ميمڻ برادري جي معزز محمد درگاهي ميمڻ جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور ۾ ميمڻ برادري جي معزز اڳواڻ سماجي اڳواڻ محمد درگاهي ميمڻ جي گهرواري پيپلز پارٽي تعلقي محرابپور جي انفارميشن سيڪريٽري شبير ساجد ميمڻ پروفيسر احمد ميمڻ غلام قادر ميمڻ جن جي پاچائي ڪجهه ڏهاڙا بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه ۾ فقير لائق ڏنو تمراڻي جي 28 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

گادي نشين طالب حسين تمراڻي فقير لائق ڏنو تمراڻي جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري

فقيرن شاهه ڀٽائي جي ڪلام مان راڳ پيش ڪري فقير لائق ڏنو تمراڻي کي ڀيٽا پيش ڪئي

پٽ شاهه (ن ع) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي 11هين خليفي فقير لائق ڏنو تمراڻي جي 28 هين ورسي پٽ شاهه ۾ لطيف سائين جي وڏي اوطاق تي منعقد ڪئي وئي،ان موقعي تي وڏي اوطاق جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٿٽون ڳوٺ پرسان سولنگي-بروهي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، ڌرڻو، باهيون، روڊ بلاڪ

بروهي برادري عورتن، ٻارن ۽ مردن سان گڏ ٽائر ساڙي احتجاج ڪندي ٿٽون ڳوٺ ڏوڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو

سولنگي ڌر جي هٿيارٻندن حملو ڪري گهرن تي قبضو ڪيو، قيمتي سامان ڪڍي ويا آهن: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڳوٺ تان قبضي ختم ڪرائي ملڪيت واپس ڪرائي وڃي

ٿٽون ڳوٺ/راڌڻ(نمائندن وٽان) ٿٽون ڳوٺ پرسان سولنگي بروهي خوني تڪرار تيز ٿي ويو جنهن سبب بروهي برادري جي عورتن ٻارن ۽ مردن پاڪ ڪتاب کڻي ٽائرساڙي ٿٽون ڳوٺ ڏوڪري روڊ مڪمل بند ڪري
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ملي: سماجي ۽ سياسي تنظيمن پاران تيل جي قيمتن ۾ اضافي خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

محرابپور ۾ نوجوان گهرو اڻبڻت تان زهريلي دوا کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، گهر ۾ ڪهرام

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور جي وارڊ نمبر ٻارهن واري علائقي ۾ 20 ورهين جو نوجوان محسن ميمڻ پٽ مرحوم عطا حسين ميمڻ زهريلي گوريون کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو جڏهن ته نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جو ڪارڻ گهرو اڻبڻت
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.